Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

ABC CERTIFIED

روزاني

پاڪ

ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 آچر 06 اپريل 2025ع بمطابق 07 شوال المڪرم 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 141

درياھ بچايو ڪميٽي جو تڪراري ڪئنالن خلاف سڪرنڊ مان بيداري مارچ نڪتو، وڪ وڪ تي شاندار آجيان، گلن جي ورڪا، حيدرآباد ۾ جلسو

ڪروڙين ماڻھو درياھ تي ڌاڙو ھڻندڙن جو گھيراءُ ڪندا : زين شاھ/رياض چانڊيو

سنڌي ماڻھو سمجھن ٿا ڪينال ڪڍي سرسبز سنڌ ۾ سڪائڻ ۾ پ پ بہ شامل آھي، ائين ناھي تہ پ پ کي اقتدار ڇڏي عوام سان گڏ ويھڻو پوندو: صفدر عباسي

سنڌ جي واھڻ واھڻ وستي وستي ۾ ماروئڙا سراپا احتجاج آھن، سنڌ جو عوام پ پ جي دوکيبازي ۾ نہ ايندو ۽ درياھ بچائڻ لاءِ ٻاھر نڪري چڪو آھي: حليم عادل

سنڌ دشمن رٿائون واپس نہ ورتيون ويون تہ عوامي سمنڊ حڪمرانن توڙي سنڌن محلن کي لوڙهي ڇڏيندي: روشن ٻرڙو ۽ ٻين جو خطاب

حيدرآباد: سنڌو درياھ مٿان غيرقانوني طور ٺھندڙ ڪئنالن خلاف ٿيل بيداري مارچ ۽ جلسي کي اڳواڻ خطاب ڪري رھيو آھي

سڪرنڊ/مٽياري/حيدرآباد (نمائندن وٽان) تڪراري ڪئنالن خلاف درياءَ بچايو ڪميٽي پاران سڪرنڊ مان ايس يو پي اڳواڻ سيد زين شاھ، پي ٽي آئي اڳواڻ حليم عادل شيخ، جي ڊي اي اڳواڻ صفدر عباسي جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد لاءِ نڪتل بيداري مارچ جو مٽياري پھچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو پي ٽي آئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ڪئنالن تي سياست نہ پيا ڪريون : جام خان شورو

تڪراري منصوبي کي ختم ڪرائينداسين، تڪراري ڪئنالن تي پ پ عوام سان گڏ بيٺل آھي

سنڌ جو دارومدار درياھ تي آھي، ھن وقت زراعت سان گڏ پيئڻ جو پاڻي موجود ناھي

وفاق سي سي آءِ جو اجلاس جلد طلب ڪري ۽ ڪينالن جو منصوبو ھميشہ لاءِ دفن ڪري: صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) : سنڌ جي آبپاشي ڪاتي واري /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

ٽرمپ ايران کي سڌي ريت ڳالھين جي آڇ ڪري ڇڏي

ايران سان سڌي ريت ڳالھيون ڪرڻ ۾ بھتري آھي: آمريڪي صدر

ايران ٽياڪٽري ڪرائيندڙن کي استعمال ڪرڻ چاھي پيو

اھو عمل تيز ترين ھوندو آھي، ٻي ڌر کي سمجھڻ جو موقعو ملندو: ٽرمپ

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران کي سڌي ريت ڳالھين جي آڇ ڪري ڇڏي. پرڏيھي ميڊيا موجب، وائيٽ ھائوس ۾ صحافين /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

پشاور ۾ قتل ٿيل نوجوان جي قاتل سنڌس مڱيندي نڪتي

ناري محبوب جي مدد سان قتل ڪيو: جاچ ڪندڙ پوليس عملدار

پوليس ٻنھي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو، مقتول جو لاش 27 مارچ تي ھٿ آيو ھو

پشاور (م ڊ) پشاور جي علائقي حيات آباد ۾ گذريل مھيني نوجوان جي قتل ڪيس جو ڊراپ سين ٿي ويو قاتل سنڌس مڱيندي نڪتي. /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

پ پ ڪئنالن بابت شھباز شريف سان نہ پر عوام سان گڏ آھي: شرجيل ميمڻ

ھينئر تائين پنجاب حڪومت واضح ناھي ڪري سگھي تہ پاڻي ڪٿان ايندو، پيپلز پارٽي ڪنھن بہ صورت ۾ ڪئنال ٺھڻ نہ ڏيندي

پرڏيھي ھٿ پاڪستان کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪري رھيا آھن، اسان ڪنھن بہ صورت ۾ ملڪ کي ڪمزور ٿيڻ نہ ڏينداسين

اين ايف سي ايوارڊ ڪانپوءِ صوبائي خودمختياريءَ تي پڻ آصف علي زرداري جي دور ۾ ڪم ٿيو: سينيئر صوبائي وزير

قيادت ڪئنالن واري موقف تان نہ اڳ ھٽي آھي نہ ھاڻي ھٽندي، اسان عوام سان گڏ آھيون: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آھي تہ پيپلز پارٽي واضح لفظن ۾ چيو آھي تہ پيپلز پارٽي عوام سان گڏ /ڏسو صفحو 3 بقايا 38



ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رھيو آھي

سعودي عرب حج سيزن تحت پاڪستان سميت 14 ملڪن تي عارضي ويزا پابندي لڳائي ڇڏي

رياض (م ڊ) سعودي عرب حج سيزن تحت پاڪستان سميت 14 ملڪن تي عارضي ويزا پابندي لڳائي ڇڏي. ذريعن موجب، پابندي /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

پاڪستان عالمي برادري کان دھشتگردن جي قبضي ھيٺ ھٿيارن جي خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان عالمي برادري کان دھشتگردن جي قبضي ھيٺ ھٿيارن جي خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آھي. گذيل قومن /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

معيشت صحيح رخ ۾ وڌي رھي آھي، ھاڻ ملڪ ۾ معاشي استحڪام اچي چڪو آھي: اورنگزيب

سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو آھي، پر ملڪ ۾ سيڙپڪاري کي ھٿي ڏيڻ ضروري آھي، معاشي استحڪام کي پائيدار بڻائڻو آھي

مھانگائي ۾ گھٽتائي جا فائدا عام ماڻھن تائين پھچائڻ لاءِ صوبائي چيف سيڪريٽرين سان لڳاتار رابطي ۾ آھيون

روز مره جي شين جي اگھن جي نگراني لاءِ ادارا جوڙي رھيا آھيون: ناڻي وارو وفاقي وزير

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب چيو آھي تہ ملڪي معيشت صحيح رخ ۾ اڳتي وڌي رھي آھي ۽ ھاڻ معاشي استحڪام حاصل ٿي چڪو آھي، جنھن کي ھاڻي پائيدار معاشي استحڪام ۾ تبديل /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

صدر بابت پارٽي ميڊيا، سوشل ميڊيا تي ھلندڙ خبرون ۽ تصويرون جعلي آھن: ڊاڪٽر عاصم

آصف علي زرداري جي طبيعت ۾ سڌارو اچي رھيو آھي ۽ ڪيس سپاٽي يا پرينھن اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويندو

سياسي مخالفن کي جيڪو وٽي چون، پارٽ تہ آھي ئي اسان جو دشمن، پر سوشل ميڊيا تي جيڪي خبرون ھلي رھيون آھن

خبرون غير مناسب ۽ بي ڪوڙيون، صدر بلڊ پريشر ۽ شوگر جو مريض آھي: صدر جو ذاتي ڊاڪٽر

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) صدر جي ذاتي معالج ڊاڪٽر عاصم حسين آصف علي زرداري جي صحت بابت افواھن تي ردعمل ڏيندي چيو آھي تہ پارٽي ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي ھلندڙ خبرون ۽ تصويرون جعلي ۽ بي بنياد آھن. ڪراچي /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

سنڌو درياءَ تي ڪينالن جي منظوري صدر پاڻ ڏني آھي، لکت ۾ موجود آھي: عظميٰ بخاري

ڪئنالن جي معاملي تي معاملي تي سنڌ ۾ سياست تڪليف ڏيندڙ آھي: پنجاب جي اطلاعات واري وزير

عوام کي بجلي جي قيمتن ۾ رليف ڏيڻ شھباز شريف جو تاريخي قدم آھي، ايندڙ ڪجھ ڏينھن ۾ ھڪ ٻئي وڏي خوشخبري عوام کي ڏينداسين

خيبرپختونخواھ ۾ ڪرپشن جون عجيب ڪھاڻيون سامھون اچي رھيون آھن: لاھور ۾ پريس ڪانفرنس

لاھور: (م ڊ) پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري چيو آھي تہ سنڌو درياءَ تي ڪينالن /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

لاھور: پنجاب حڪومت جي وزير اطلاعات اعظميٰ بخاري پريس ڪانفرنس ڪندي

روڊ حادثن ۾ فوت ٿيندڙن کي 12 اپريل تي پلاٽ ڏيندس: گورنر سنڌ

يوسف ڳوٺ ۾ ڪامران خان ٽسوري متاثر خاندان کي 80 گز پلاٽ جي فائل ڏني

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراھ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

ميھڙ سانحي جي ٻڌڻي، الزام ھيٺ آيل سردار پيش نہ ٿيا، ٻڌڻي 19 اپريل تائين ملتوي

سردار تڪائڻ جي ڪوشش پيا ڪن، نہ جھڪنديس: ام رباب

اٺن سالن کان ڪيس ھلي پيو پر اڃا تائين فيصلو ناھي آيو: ميڊيا سان ڳالھيون

دادو (ڊ ر) ام رباب چانڊيو جي ٽن گھرياتين ڏاڏي /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

سرڪار پاران آءِ ايم ايف وفد جي دوري جون مصروفيتون منظر تي نہ آڻڻ جو فيصلو

آءِ ايم ايف وفد جي لاءِ لکت ۾ ڪو بہ شيڊيول جاري نہ ڪيو ويندو: ناڻي واري وزارت

وفد جي ملاقاتن بابت ڄاڻ لاڳاپيل ڪاتن کي رڳو فون ذريعي ڏني ويندي: ذريعا

آءِ ايم ايف وفد مصروفيتون ڳجھيون رکڻ جي لاءِ ملاقات ۾ درخواست ڪئي ھئي

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي پاڪستان جي دوري دوران وفد جي مصروفيتن کي منظرعام تي نہ آڻڻ جو فيصلو ڪيو آھي. ناڻي وزارت جي ذريعن موجب، آءِ ايم ايف وفد جي لاءِ لکت ۾ ڪو بہ /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

اسلام آباد: آءِ ايم ايف وفد حڪومتي ٽيم سان ملاقات ڪري رھيو آھي

ڪي پي جي ضلعي بٽگرام ۾ زميني تڪرار تان چار ڄڻا مارجي ويا، 5 زخمي

پشاور: (م ڊ) خيبرپختونخواھ جي ضلعي بٽگرام ۾ زميني تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جھيڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ڪوٽڙيءَ ۾ علامہ اقبال ايڪسپريس حادثي جو شڪار، گاڏو پٽڙيءَ تان لھي ويو

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙيءَ ۾ مسافر ٽرين علامہ اقبال ايڪسپريس حادثي جو شڪار ٿي وئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

گھرو وزير ٻن ڏينھن جي دوري تي ڪشمور پھتو، مختلف وفدن سان ملاقاتون

ڪشمور سميت سمورن متاثر علائقن ۾ امن بحال ڪيو وڃي: ضياءُ الحسن لنجار

گل محمد جکراڻي گھرو وزير کي ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني جي حوالي سان آگاھي ڏني

ڌوھاري عنصرن خلاف بنا ڪنھن فرق جي ڪارروائي جاري رھندي: صحافين سان ڳالھيون

ڪشمور (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ بدامني خلاف پيپلز پارٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

باڊھ ۾ سنڌو درياھ تي ڌاڙي خلاف جيئي سنڌ قومي پارٽي جي ريلي، ڌرڻو

نواز خان زنئور جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي مختلف ھنڌن کان ٿيندي رائيس ڪئنال پھتي، جتي ڌرڻو ھنيو ويو

سنڌ درياھ مٿان ڪئنال سنڌين جي موت جو پروانو آھن، ان کي قبول ڪونہ ڪندو: جسقپ چيئرمين نواز زنئور

سنڌ ڪئنالن خلاف پرامن ريفرنڊم ڏئي چڪي آھي، سنڌ جي تباھي برداشت نہ ڪنداسين: اڳواڻن جو خطاب

باڊھ (رپورٽ: سرويچ منگي) باڊھ ۾ جيئي سنڌ قومي پارٽي (جسقپ) جي سڏ تي تڪراري ڪئنالن /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

ڪئنالن ۽ ڊيمن ذريعي
سنڌو نديءَ جو رخ موڙڻ بند ڪريو!
ڪمپنيءَ سرڪار طرفان سنڌ جي زمينن تي قبضو نامنظور
پاران: جيئي سنڌ قومي پارٽي

باڊھ: قومي پارٽي پاران تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

خيرپور ۾ جسقم ڪارڪنن پاران تڪراري ڪئنالن خلاف شاھ حسين قومي شاھراھ تي ڌرڻو، سنڌو درياھ تي ڌاڙو نامنظور جا نعرا

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ جسقم ڪارڪنن پاران تڪراري ڪئنالن خلاف شاھ حسين قومي شاھراھ تي ڌرڻو /ڏسو صفحو 3 بقايا 46

پ پ ايم پي اي سھراب سرڪي پاران زخمي ٿيل سٽي صدر جميل دايو سان ملاقات، عيادت

پيپلز پارٽي قيادت خلاف نازيبا ٻولي ڪنھن بہ صورت برداشت نہ ڪبي: سھراب سرڪي

سائين جي ايم سيد جي لاءِ عزت آھي ڪنھن جي دل آزاري ٿي آھي تہ معافي ٿا وٺون

ڪجھ ڌريون ٺل جو امن خراب ڪرائڻ گھرن ٿيون جنھن سازش کي ناڪام بڻايو ويندو: پريس ڪانفرنس

جيڪب آباد (جٿش تلسي) ٺل ۾ پيپلز پارٽي ۽ قوم پرست ڪارڪنن ۾ جھيڙي بعد پي پي ايم پي اي ڊاڪٽر سھراب خان سرڪي ،ضلعي /ڏسو صفحو 3 بقايا 47

ماتلي: ڳوٺ ڪبي ۾ مبينا بدفعلي جو شڪار ٿيل نينگر

ماتلي پرسان 5 ورھين جي نينگر سان مبينا بدفعلي

ڳوٺ ڪبي ۾ دڪاندار راھول خرچي ڏئي زيادتي ڪئي: متاثر نينگر جو الزام

اڳ ساڳيو جوابدار معصومن سان زيادتيون ڪندو رھيو آھي: نينگر جا وارث

ماتلي (ن پاڪ) ماتلي لڳ ڳوٺ ڪبي ۾ 5 ورھين جي نينگر سان مبينا جنسي زيادتي، نينگر اسپتال داخل، وارثن پاران زيادتي ڪندڙ کي گرفتار ڪري انصاف جو مطالبو جنسي زيادتي جو شڪار بڻيل 5 ورھين جي نينگر ساحل پٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 48

ڪئنالن خلاف احتجاج ڪندڙن کي ڪنھن گم ڪيو پيو وڃي: رياض چانڊيو

نوابشاھ جا اڳواڻ ساگر ملاح امتياز پيٽي ۽ ھاڻ وري جساف اڳواڻ حيدر چولياڻي کي بہ ڪنيو ويو آھي: جسم چيئرمين

حڪمران جماعتون ڪئنالن جي منظوري ڏيڻ بعد ھاڻ درياھ بچائڻ لاءِ احتجاج جو ڍونگ رچائي رھيو آھن: عزيزالله پتو

سنڌ جي زمينن تي ولار ڪري ڌرتي ڌڻين کان زمين کسي پئي وڃي، ھاڻ جدوجھد تيز ڪرڻي پوندي: بيان جاري

حيدرآباد (پ ر) جيئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض علي چانڊيو عزيزالله پتو نواز شاھ پاڏائي غفار /ڏسو صفحو 3 بقايا 49

گھگھر ڦاٽڪ لڳ ٻن ڌرين ۾ جھيڙو، ھٿيارن جا منھن کلي ويا، ھڪ ڄڻو قتل، ھڪ زخمي

سالار ڳوٺ وٽ جھيڙي ۾ گوليون لڳڻ سبب ستار ٻگٽي مارجي ويو، عظمت الله زخمي ٿيو

مارجي ويل جو مڙھ ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، واقعو پراڻي دشمني تان پيش آيو آھي: پوليس

مامري جي جاچ ڪري رھيا آھيون، اڃا تائين متاثر ڌر ڪيس داخل ڪرائڻ ناھي آئي: عملدار

ملير: ٻن ڌرين ۾ جھيڙي دوران مارجي ويل شخص جو لاش پيل آھي

قاضي احمد: واٽر ڪورس مان ٻوري بند ھٿ آيل نامعلوم شخص جو لاش پيل آھي

ملير (ڊ ر) گھگھر ڦاٽڪ سالار ڳوٺ ويجھو ٻن ڌرين ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 50

قاضي احمد : واٽر ڪورس مان اڻڄاتل شخص جو ٻوري بند لاش ھٿ، سڃاڻپ نہ ٿي سگھي

قاضي احمد (رپورٽر) لڳ ڀڳ روڊ تي واٽر ڪورس مان اڻڄاتل شخص جو ٻوري بند لاش ھٿ آيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 51

قاضي احمد ۾ ڪارنھن تھمت ھيٺ بہ عورتون ۽ نوجوان قتل

ناصري ٿاڻي جي حد ۾ جوابدار گھروارِي، پيڻ ۽ ھڪ نوجوان کي قتل ڪيو

مقتولن جا مڙھ ضروري ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيا ويا، گرفتاري نہ ٿي

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد ۾ غيرت جي نالي تي ٻن عورتن ۽ ھڪ نوجوان کي قتل ڪيو ويو. قاضي احمد جي ناصري ٿاڻي جي حد ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

جيل ڪمپليڪس ۾ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ ساحر حسن خلاف منشيات ڪيس جي ٻڌڻي

عبوري چالان تي پراسيڪيوشن جو اعتراض، عدالت چالان واپس ڪري ڇڏيو

عدالت پاران ايندڙ ٻڌڻي تي جاچ آفيسر کي حتمي چالان پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) جيل ڪمپليڪس ۾ جوڊيشنل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت اداڪار ساجد حسن جي پٽ ساحر حسن خلاف منشيات /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

پ پ وارن ڪئنال اشوز تان ڌيان ھٽائڻ لاءِ ريلي تي حملو ڪرايو: وقار رضا چولياڻي

ٺل ۾ پيش آيل واقعي جي جيتري بہ مذمت ڪجي گھٽ آھي: سياف نائب صدر

پ پ وارا سنڌ ۾ خانا جنگي ڪرائڻ جي سازش ڪرڻ چاھين ٿا: جاري ڪيل بيان

ڪراچي اوير (ن پاڪ) سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (سياف) مرڪزي سينيئر نائب صدر وقار رضا چولياڻي چيو آھي /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

پريا ۾ مسافر وين اونڌي ٿيڻ سبب 8 عورتن سميت 17 مسافر زخمي

سيوھڻ کان سکر ويندڙ مسافر وين ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري وئي

حادثي ۾ دلشان خاتون، باسط علي، اسما، بابر علي، عاجز، شيرو، ھمير سميت 17 ڄڻا زخمي ٿيا

پريا (رپورٽر) پريا ۾ مسافر وين اونڌي ٿيڻ سبب 8 عورتن سميت 17 مسافر زخمي ٿي پيا. قومي شاھراھ تي ڪيريا اسٽاپ پرسان سيوھڻ کان /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

مورو: گھوٽ ڪنوار عزيزن سميت درياھ تي تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاج ڪندي

شھدادپور ويجھو نينگر سان بدفعلي، ڪيس داخل

ڳوٺ مھر علي ٽالپر ۾ منصور کي طالب ۽ سالڪ بدفعلي جو نشانو بڻايو

نينگر جي وارثن جي فرياد تي ڪيس داخل، گرفتاري عمل ۾ نہ اچي سگھي

شھدادپور (رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شھدادپور پرسان ڳوٺ مھر علي ٽالپر ۾ ڪٽڪ جي ٻڌائي وٺڻ لاءِ ويل معصوم نينگر 10 سالا /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

صحافي سميع خان کي عمر افغاني طرفان ڌمڪيون، تحفظ جي اپيل

مون ڪجھ عرصو اڳ عمر افغاني خلاف قبضن جون خبرون ھلايون ھيون: سميع الله خان

عمر افغاني ايم ڊي اي جي ملي ڀڳت پلاٽن تي قبضا ڪيا: صحافي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) صحافي سميع خان کي قبضا گيرن ۽ منشيات فروشن خلاف خبرون ھلائڻ مھانگيون پئجي ويون قبضا گروپ /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

مورو عدالت پاران عورت تي تشدد ڪندڙ جوابدار کي 4 مھينا قيد جي سزا

جج مصطفيٰ انصاري جي عدالت ۾ نجمہ ڪورائي تي تشدد ڪيس ثابت ٿيو

جوابدار سعيد احمد ڪورائي ڏوھي قرار، عدالت مان گرفتار، 30 ھزار ڏنڊ ڀرڻ جو حڪم

مورو (رپورٽ: طالب حسين ڪوسو) سيڪنڊ سول جج ۽ جوڊيشنل مئجسٽريٽ مورو جميل مصطفيٰ انصاري جي عدالت غريب عورت نجمہ /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

اڳوڻو صلاحڪار سردار اسماعيل ڏاھري ٻن ڪيسن مان باعزت بري

ڏھرڪي جي عدالت شاھدين نہ ملڻ تي اسماعيل ڏاھري کي ارده قتل ۽ ديوٽي اٽڪا ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو

ڏھرڪي پوليس اسماعيل ڏاھري کي ديوٽي اٽڪاءَ ۽ پوليس مقابلي ۾ نامزد ڪري پراڻي ڪيس ۾ نالو ڪوليو ھيو

واضح رھي تہ اڳوڻو صلاحڪار مبينا جوبدار سردار اسماعيل ڏاھري مختلف ڪيسن ۾ لاڙڪاڻو جيل ۾ قيد آھي

ڏھرڪي (رپورٽ: وجي ڪمارچاولا) ڏھرڪي پوليس پاران قاضي احمد سان تعلق رکندڙ اڳوڻي صوبائي صلاحڪار محمد اسماعيل ڏاھري مٿان سرڪار پاران فرياد ٿيندي داخل ڪيل ارادہ /ڏسو صفحو 3 بقايا 20



ڏھرڪي: اسماعيل ڏاھري ضمانت منظور ٿيڻ کان پوءِ وڪٽري جو نشان ڏيکاري رھيو آھي

بي اين پي ريڊ زون ۾ احتجاج ڪرڻ چاھي ٿي، اجازت نہ ڏبي: شاھد رند

سردار اختر مينگل سان حڪومتي ڪميٽي بہ گڏجاڻيون ڪيون

حڪومت بي اين پي کي سرياب روڊ تي احتجاج لاءِ جاءِ جي آڇ ڪئي: ترجمان

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان حڪومت جي ترجمان شاھد رند چوڻ آھي تہ بلوچستان نيشنل پارٽي (بي اين پي) ريڊ زون ۾ احتجاج ڪرڻ چاھي ٿي، /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

شڪارپور پوليس جون ڪارروايون، پنج ڌوھاري گرفتار

گرفتار ٿيلن ۾ رميز، امان الله ۽ ٻيا ڌوھاري شامل آھن: ايس ايس پي

جوابدارن مٿان مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل آھن، وڌيڪ رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي

شڪارپور (رپورٽ ميرامتياز علي مري) ايس ايس پي شڪارپور شاھزيب چاچڙ جي حڪم تي، شڪارپور پوليس جو ڌوھاري جوابدارن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

ڄامشورو ۾ روڊ بلاڪ ۽ پ پ ڪارڪنن مٿان پٿراءُ ڪندڙن خلاف ڪيس داخل

اي ايس آئي شاھنواز راھوجو جي فرياد تي 7 ڄاتل ۽ 57 کان 58 اڻڄاتل ماڻھن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ايف آئي آر ۾ جيئي سنڌ محاذ اڳواڻ حيدر چولياڻي، اصغر جمالي، زاھد چنا، عمران چانڊيو ۽ ٻيا نامزد ڪيا ويا

ٻہ ڏينھن اڳ ڪئنالن خلاف ڌرڻو ھڻندڙن شھيد ڀٽو جي ورسيءَ تي ويندڙن جيالن مٿان مبينا پٿراءُ ڪيو ھيو

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو ۾ سنڌو درياھ تي ڪينالن خلاف لڳل ڌرڻي دوران پيپلزپارٽي ڪارڪنن مٿان پٿراءُ ڪرڻ ۽ روڊ بلاڪ ڪرڻ تي مظاھرين مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آھي، سرڪار پاران اي ايس آئي شاھنواز راھوجو /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

سنڌو سان محبت جو اظھار، ڪنوار جي درياھ کان رخصتي، ڪئنالن خلاف احتجاج

گھوٽ شعبان علي عالماڻي ۽ ڪنوار شادي ڪري خاندان سميت دادو مورو پل سنڌو درياھ پھتا

گھوٽ شعبان علي عالماڻي ۽ ٻين سيني گڏجي تڪراري ڪئنالن خلاف نعريبازي پڻ ڪئي

ڪينال ٺاھڻ نہ ڏينداسين سنڌو درياھ ڌرتي ڌڻين جي ملڪيت آھي، فيصلو واپس ورتو وڃي: گھوٽ

مورو (رپورٽ طالب حسين ڪوسو) مورو جي ڳوٺ الھداد عالماڻي ۾ نئين شادي ڪندڙ گھوٽ شعبان علي عالماڻي ۽ سندس ڪنوار اڄ شادي ڪري شادي واري لباس ۾ پنھنجي خاندان جي ماڻھن ۽ ناليواري وڪيل سماجي اڳواڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ٻلڙي شاھ ڪريم ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف ھزارين ماڻھو رستن تي اچي ويا، ڌرڻو

رند قومي اتحاد سنڌ جي نائب صدر زاھد خان رند جي اڳواڻي ۾ ماڻھن جو سمنڊ اٿلي پيو

جيڪڏھن سنڌو مان ڪئنال ڪڍيا ويا تہ سنڌ ۽ پنجاب جا رستا بند ڪنداسين: زاھد خان رند

پنھنجي ٻچن جو مستقل تباھ ٿيڻ نہ ڏينداسين، پنجاب کي ھوڏ تان لھڻو پوندو: اعظم خان رند

ٻلڙي شاھ ڪريم (رپورٽ علي ڏنو رند) ٻلڙي شاھ ڪريم ۾ تڪراري ڇھن ڪئنالن خلاف ماڻھن جو سمنڊ اٿلي پيو رند قومي اتحاد سنڌ جي نائب صدر زاھد خان رند، اعظم خان رند جي اڳواڻي ۾ ھزارين ماڻھن جو تاريخي احتجاج ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ٻلڙي شاھ ڪريم : تڪراري ڪئنالن خلاف نڪتل ريلي جو ڏيک، ٻي پاسي اڳواڻ خطاب ڪري رھيو آھي

ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
Daily PAK Karachi
روزاني
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽروپول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي ـ فون نمبر: 3_35655872_021 فيڪس نمبر: 021_35655874
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

آچر 06 اپريل 2025ع بمطابق 07 شوال المڪرم 1446هه

EDITORIAL

پاڻي معاملي تي سنڌ پنجاب آمهون سامهون

سنڌ جي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خطاب بعد هاڻي ڪو به ابهام نه هجڻ گهرجي. بلاول واضح چئي ڇڏيو آهي ته پيپلزپارٽي ڪئنالن واري معاملي تي شهباز سرڪار سان نه پر عوام سان گڏ هوندي. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته پنجاب حڪومت هن مهل تائين واضح ناهي ڪيو ته هو ڪئنالن لاءِ پاڻي ڪٿان آڻيندي، اسان واضح ڪري چڪا آهيون ته ڪئنالن جي ڪنهن به صورت ۾ حمايت نه ڪنداسين. شرجيل ميمڻ وڌيڪ چيو ته پرڏيهي هٿ پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪرائي رهيا آهن جن کي روڪڻ لاءِ اسان جا ادارا بهتر انداز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. پرڏيهي هٿ پاڪستان کي نقصان پهچائڻ جي سازشن ۾ رڌل آهن. پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ وارن جي سياست جي خبر نٿي پوي، اهي چون ٿا ته اسان توهان سان ڳالهائڻ ئي نٿا چاهيون. اسان ٽياڪڙي ڪرائڻ لاءِ تيار آهيون پر اهي ڳالهائڻ ئي نٿا. بيرسٽر سيف پنهنجي صوبي ۾ دهشتگردي ڪنٽرول ڪري، اجايو ٻين تي الزام بازي نه ڪئي وڃي، هن وڌيڪ چيو ته مان سموري ن ليگ مٿان الزام مڙهڻ نٿو چاهيان پر ڪجهه ناسمجهه ماڻهو آهن جيڪي غلط بياني ڪري رهيا آهن هن کان اڳ پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري چيو آهي ته سنڌو درياءَ تي ڪينالن جي منظوري صدر آصف زرداري پاڻ ڏني آهي، جيڪا لکت ۾ موجود آهي، انهي معاملي تي سنڌ ۾ سياست تڪليف ڏيندڙ آهي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عظميٰ بخاري چيو ته عوام کي بجلي جي قيمتن ۾ رليف ڏيڻ شهباز شريف جو تاريخي قدم آهي، ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ هڪ ٻئي وڏي خوشخبري عوام کي ڏينداسين. آءِ ايم ايف خط لکندڙن ملڪ کي سريلنڪا بنائڻ چاهيو ٿي، جيڪي ناڪام ٿي ويا. بلاول ڀٽو کي ڪينالن جي معاملي تي تقرير ڪرڻ جي بجاءِ وفاق جي سامهون مسئلن کي رکڻ گهرجي. پنجاب جي اطلاعات واري پي ٽي آءِ کي تنقيد جو نشانو بنائيندي چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ ڪرپشن جو عجيب ڪهاڻيون سامهون اچي رهيون آهن. هن چيو ته پي ٽي آءِ جا ماڻهو ٽڪڙن ۾ ورهائجي هڪ ٻئي جي ڪرپشن جا پول پڌرا ڪري رهيا آهن. گنڊاپور جي ته ڪرسي خطري ۾ آهي، جنهن لاءِ هو عزت بچائڻ جي لاءِ وفاق تي چڙهائي جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هاڻ اسان سندس ڌمڪين کان ڊڄڻ وارا نه آهيون. عظميٰ بخاري بلاول ڀٽو طرفان ڪينال جي معاملي تي تقرير حوالي سان چيو ته پارٽ پنهنجو حصو آباد ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب جو پاڻي ڪيئن ورهائڻو آهي، انهي بابت فيصلو ڪرڻو آهي. ٻوڏ جي ڏينهن ۾ پاڻي ضايع ٿيندو آهي ته انهي کي اسٽاڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته رمضان سهولت بازار ۾ هڪ ارب 11 ڪروڙ روپين جي عوام کي شين تي بچت ٿي، 3 ارب 57 ڪروڙ روپين جي رمضان بازارن ۾ خريداري ٿي، 28 هزار ماڻهن 3 ڪروڙ روپين جي فري هوم ڊليوري جي آچ تحت رمضان بازار مان سامان گهرايو. عظميٰ بخاري چيو ته 13 نيون سهولت بازارون آگسٽ تائين ٺاهينداسين پنجاب ۾ اوورچارجنگ ڪرڻ تي ٽرانسپورٽرز کي 22 لک روپيه ڏنڊ لڳايو ويو جڏهن ته 11 لک روپيه مسافرن کي واپس ڏيارايا ويا.

ايران ۽ امريڪا ڇڪتاڻ ۽ وچ اوڀر جو مستقبل

طفيل مگسي

وچ اوڀر ۾ هڪ ڀيرو وري نئين امريڪي فرعون ٽرمپ جي ڪري هڪ نئين جنگ ڇيڙڻ جا آثار ڏيک ڏئي رهيا آهن يعني نئين امريڪي فرعون ٽرمپ ايران کي خطي ۾ ڪمزور ڪرڻ جي لاءِ مٿس حملي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آهي ۽ فرعون جو چوڻ آهي ته ايران پنهنجو ايٽمي پروگرام بند ڪري ۽ امريڪا سان هڪ نئون معاهدو طئي ڪري نه ته ايران کي سنگين نتيجا ڀوڳڻا پوندا ٻئي پاسي وري ڪنهن جي اڳيان نه جهڪندڙ ايران امريڪي فرعون کي ڪتو جواب ڏنو آهي ته امريڪا جي ڳالهه مڃڻ ته پري جي ڳالهه آهي بلڪ هو امريڪا سان سڌيون ڳالهيون ڪرڻ به نٿو چاهي تازو ئي تي حملو " maximum pressure " واري پاليسي جو نتيجو لڳي ٿو ته جيئن ايران جي آس پاس گهيرو تنگ ڪري سگهجي

امريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ تازي ڇڪتاڻ جي مڪمل ذميواري امريڪا تي پوي ٿي ڇاڪاڻ ته 2015ع اوباما جي دور ۾ ايران ۽ امريڪا جي وچ ۾ ايٽمي پروگرام جي حوالي سان هڪ معاهدو طئي ٿيو هو جنهن جي اقوام متحده جي مطابق ايران مڪمل پاسداري ڪئي هئي ليڪن 2018ع ۾ ٽرمپ هڪ طرفي طور تي ان معاهدي کان علحيدگي جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ ايران تي خوفناڪ اقتصادي پابنديون هڻائي ڇڏيون ۽ اٿي معاهدي کي بنياد بڻائي ڪري ايران تي حملي جي تياري ڪئي پئي وڃي ڳالهه ڳالهه ان مڪروه راند ۾ امريڪا ۽ اسرائيل جا ڪهڙا ناپاڪ ارادا آهن؟

انهيءَ سوال جو جواب تاريخي پسمنظر ۾ ڳولڻو پوندو پهرين جنگ عظيم کانپوءِ ايران جو رول وچ اوڀر ۾ خليجي رياستن جيان هو هڪ ته اهو خطي ۾ سوويت يونين ۽ ٻين سوشلسٽ قوتن جي خلاف امريڪي اڏي جي طور تي ڪم ڪندو هو ٻئي پاسي اوهه جي ڪوشش هئي ته وچ اوڀر جو تيل خطي جي اندرين معيشت کي بهتر ڪرڻ جي بجاءِ امريڪي ۽ برطانوي ڪمپنين جي تسلط هيٺ رهي اهوئي سبب آهي ته جڏهن ايران ۾ محمد مصدق جي حڪومت 1951ع چونڊجي ۽ هن تيل جي ڪمپنين کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي همت ڪئي ته انهن ڪمپنين سي آئي اي ۽ ايم16 سان گڏجي 1953ع ۾ مصدق جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو ان کانپوءِ شاهه جي آمريت قائم ٿي افسوس آهي ته ڪجهه ليبرل اڄ ان آمريت جو دفاع ڪن ٿا جڏهن ته حقيقت ۾ اهو امريڪا جي تسلط هيٺ بدترين دور هو جنهن ۾ دانشورن کان وٺي ڪري شاگرد عورتون هاري ۽ مزدور اڳواڻن تي "سوشلسٽ" هئڻ جو الزام هڻي ڪري هزارين ماڻهن جو قتل عام ڪيو شاهه ۽ امريڪا جي خلاف وڏي پيماني جي نفرت سبب ٿي 1948ع ۾ آيت الله خميني حڪومتي تختو اونڌو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو

اها امريڪا جي مڪار منهن تي وڏي چماٽ هئي ۽ ان جو جواب تشدد جي وسيلي ڏنو ويو 1980ع ۾ عراق ۾ صدام حسين کي استعمال ڪري ايران تي حملو ڪرايو ويو ۽ امريڪا ۽ يورپي ملڪن سان گڏ وڳڙ عراق کي خليجي رياستن جي حمايت به ڏياري وئي صدام حسين پنهنجي وقت جو ريلينسڪي هو جنهن کي امريڪا خطي ۾ تباهي جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي لاءِ ڪيميائي هٿيار پڻ ڏنا ليڪن 1990ع ۾ انهيءَ "هيرو" تي بدترين اقتصادي پابنديون هنيون ويون جن جي سبب کان هزارين عراقي ٻارڙا مارجي ويا ليڪن عراق جي پيٽ ۾ ايران ايران ڪمزور نه ٿيو ۽ 09 جي ڏاکي ۾ هن پنهنجي لاءِ متبادل واپاري موقعا ڳوليا جن ۾ چين روس لاطيني امريڪا ۽ ڪجهه يورپي ملڪ سرفهرست هئا هوريان هوريان ايران جي وڌندڙ اقتصادي ۽ فوجي طاقتون خطي ۾ امريڪي نواز خليجي رياستن ۽ اسرائيل جي لاءِ پريشاني جو سبب بنجڻ شروع ٿي ويون

11/9 کانپوءِ امريڪا افغانستان کانسواءِ عراق ايران ۽ اتر ڪوريا کي axis of evil لقب ڏنو اتر ڪوريا وٽ جوهري هٿيار موجود هئا ان ڪري انهيءَ تي حملي ڪرڻ جو امريڪا سوچي به نٿي سگهيو هو اسرائيلي حاڪمن جو چوڻ هيو ته ايران تي حملو ڪيو وڃي ليڪن جارج بش جي ٽيم جو خيال هيو ته عراق تي حملو ڪري امريڪا ايران کي به ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو ليڪن حقيقت ۾ ان جي ابتڙ ٿيو 2003ع جي عراق تي حملي کانپوءِ امريڪي قبضي جي دوران ايران نواز گروهه جن کي صدام وڌڻ نه ڏيندو هو اهي امريڪي مخالف مزاحمت جو به حصو بڻيا ۽ عراقي حڪومت کي به ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا انهيءَ دوران حزب الله به پنهنجي فوجي طاقت مضبوط ڪري ورتي ۽ 2006ع پهرين پيرو لبنان ۾ اسرائيلي جارحيت کي تاريخي شڪست ڏني ساڳئي سال فلسطين ۾ ايران جي حمايت يافته حماس اليڪشن کٽي ورتي جڏهن ته ان دوران ڪيوبا جي فيڊل ڪاسترو وينزويلا جي هوگو شاويز ۽ ٻين دنيا جي انهن سيني ليبرن جن جو امريڪا سان ٽڪراءُ هو ايران جي ويجهو ٿيڻ شروع ٿي ويا ان جو بنياد نظرياتي هڪجهڙائپ نه هئي بلڪ عملي سياست جون گهرجون هيون جيڪي امريڪي مخالف ڪيمپ کي جوڙڻ تي مجبور ڪري رهيون هيون

2006ع ۾ حماس تي پابنديون غزه تي مسلسل بمباري ۽ نسل ڪشي شام تي پابنديون ۽ بمباري ليبيا تي بمباري ۽ نسل ڪشي لبنان تي بمباري يمن تي بمباري عراق تي قبضو مصر ۽ بحرين ۾ آمريت ۽ اسرائيلي توسيع پسندي ان سموري راند جو حصو آهي جنهن ۾ ڪنهن به متبادل قوت کي جيڪا امريڪي ۽ اسرائيلي مفادن کي چيلينج ڪري چٿو وڃي. ان اڳ به ڪافي پيرا لکي چڪو آهيان ته امريڪا جي هينئر نه خواهش آهي ۽ نه ئي هو ان پوزيشن ۾ آهي ته هو ڪنهن ملڪ کي ترقي ڏياري سگهي يوڪرائن کان وٺي ڪري افغانستان ۽ وچ اوڀر کان وٺي ڪري لاطيني امريڪا تائين هو فقط فوجي طاقت جي وسيلي انهن رياستن ۽ گروهن کي جيڪي هن جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻيون يعني اها پاليسي destruction without reconstructio آهي جنهن ۾ فوجي طاقت جي وسيلي ٻين دنيا جي معاشرن جي ڪڏيل محنت کي تباهه ڪيو ويندو جيئن لبيا ۽ شام ۾ ڪيو ويو جن کي اڄ تباهه ڪري 1950ع جي development indicators تائين تائين پهچايو ويو آهي يعني گذريل 57 سالن جي انهن جي محنت وڃائي وئي آهي ساڳيوئي مامرو هاڻي ايران سان جوڙڻ چاهي ٿو جنهن کي ڪڏهن جمهوريت ۽ ڪڏهن "عورتن جي حقن" وارا چادر ۾ ويڙهي ڪري اولهائين ميڊيا ۾ وڪرو ڪيو ويندو ۽ ان خوفناڪ ۽ وحشي پاليسي جو آخري نشانو چين جي تباهي هوندو ته جيئن ڪو متبادل سامهون نه اچي سگهي

انهن سڀني ڳالهين جو پاڪستان تي ڪهڙو اثر پوندو؟ سڀ کان اڳ اهو لاڙو اڄ به موجود آهي جيڪو جنگين کان فائدو ڪ ئي ٿو جيڪڏهن پاڪستان کي هڪ ڀيرو وري پراڪسي بڻايو ويو ته ڊالرن جي برسات ٿيندي ۽ جنگي ڪاروبار وڌيڪ مضبوط ٿيندو ٻئي پاسي بلوچستان جون حالتون وڌيڪ ڏکيون ٿينديون ڇاڪاڻ ته ان جنگ جو سڀ کان وڏو اثر پاڪستان ايران بارڊر تي پوندو جنهن جي سبب کان فوجي ويڙهه ۾ شدت اچڻ امڪان آهي جو ته آخري نشانو چين آهي ته ان سان گڏ خيبر پختون خواهه ۾ جهاد جو ڊرامو وري ورجايو ويندو جنهن جي وسيلي افغانستان ۽ سينٽرل ايشيا ۾ سنڪياڪ جي " قومي آزادي" جي لاءِ بين الاقوامي جهاد ڪيو وڃي جنهن جو بندوبست هينئر کان سي آئي اي ڪري رهي آهي ان سان گڏ پنجاب ۽ گلگت بلتستان ۾ فرقيواريت واري ڇڪتاڻ به وڌي سگهي ٿي جنهن سان رتوڇاڻ به وڌندي ۽ عوامي ڀڏي به مشڪل ٿي ويندي

اسان جي لاءِ ضروري آهي ته ملڪ ۾ جنگ مخالف محاذ بنائڻ سان گڏو گڏ عالمي صورتحال تي ماڻهن کي خبردار ڪيو وڃي ان کي ڪو فرقيواريت جو ايشو نه بڻايو وڃي بلڪ امريڪا جي هن خطي ۾ گذريل 80 جي پاليسي جو تسلسل ۽ ان جي بحران جي طور تي ڏٺو وڃي گڏ ئي اهو به ضروري آهي ته نئين ٽين شاخن ورهائجي ڪري مزاحمت اسان کي نه صرف غير فعال ڪري ڇڏيندي بلڪ بدلجندڙ دنيا ۾ لاشعوري طور تي غيرن جو نمائندو بڻائي ڇڏيندي جيڪڏهن اندرين ۽ ٻاهرين هٿيار بندن سان مقابلو ڪرڻو آهي ته اهو ڪشادي اتحاد ۽ ڪشادي سوچ جي وسيلي ئي ممڪن آهي تاريخي پسمنظر ۾ هن خطي ۾ امريڪي جنگين جي مخالفت ۽ انهن جي خلاف جدوجهد ئي اڄ اسان جو اولين تاريخي فرض آهي

امريڪا اسان جي خطي جي لاءِ هڪ جنگي ۽ تباهه حال مستقبل جو نقشو ڪڍي ڇڏيو آهي هاڻي اها اسان جي ذميواري آهي ته اسان انهن موت جي سوداگرن سان ڪيئن مقابلو ڪريون ٿا تاريخ ان مقام تي اسان کي وٺي آئي آهي ته اسان هاڻي نيوٽرل نٿا رهي سگهون امن يا بربريت ترقي يا جنگ ڀڏي يا نفرت اهي ئي آپشن موجود آهن گڏو گڏ هڪ ٻي ڳالهه کي به ذهن نشين ڪرڻ کپي ته تازو امريڪا پاڪستان جي سرڪار تي به دٻاءُ وجهي رهي آهي ته اها چين ۽ ايران سان پنهنجو رشتو ٽوڙي ۽ گڏ ئي جيڪب آباد ۽ بلوچستان جا هوائي اڏا امريڪا جي حوالي ڪيا وڃن ته جيئن ايران کانپوءِ چين کي به سوڙهو ڪري سگهجي اڳتي ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي؟؟؟

دهشتگردي جي خاتمي لاءِ رڳو عزم ڪافي ناهي

اعجاز ممنائي

اسان جون سموريون فوجون، فوجي آفيسر ۽ جوان ملڪ مان دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ ڏينهن رات پنهنجي جانين جو نذرانو ڏئي هن خراب حڪمراني، بگڙندڙ نظام جي سڌاري لاءِ وڏيون قيمتون ادا ڪري رهيا آهن ڪو سوچي سگهي ٿو ته جڏهن اسان جا سپاهي شهيد ٿين ٿا، انهن جا معصوم ٻار يتيم ٿين ٿا، انهن جا خاندان بيواهه آهن، انهن جا والدين به پنهنجي اولاد کان محروم آهن، سڀ کان مٿانهون اسان جي حفاظت ڪندي هن ڌرتيءَ جا محب وطن فرزند اسان کان جدا ٿي وڃن ٿا. پر آخر ڪيستائين فورسز صرف چند دهشتگردن کي مارڻ ۽ هڪ يا ٻه آپريشن ڪرڻ جو عزم ڏيکاريندي پنهنجو فرض ادا ڪنديون رهنديون جڏهن پاليسيون ناهيون وڃن ٿيون ته ڏسون ٿا ته هر طبقي سان تعلق رکندڙن جي حفاظت جو وچن ڪيو وڃي ٿو ته پوءِ امير ۽ طاقتور طبقو ڪيئن غالب اچي وڃي ٿو ۽ ڪرپشن، وائيٽ ڪالر ڏوهن ۾ ملوث ماڻهو پنهنجي دفاع لاءِ الڳ گروهه پيدا ڪن ٿا. جيڪي سندن سهولتڪار بڻجن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان ۾ دهشتگردي ختم نه ٿي رهي آهي. پاليسي ساز ڪڏهن به ان پاليسي تي عمل چو نٿا ڪن عوامي راءِ، عوامي ذهن، ادارا ۽ حڪومتون سياسي پارٽين جي اثر هيٺ هلن ٿيون، پوءِ سياسي پارٽين جا قانون چو نه سڌاريا وڃن، قوتن کي گهرجي ته جڏهن سياسي حڪومتون ناهي پيا معاملا اٿاريا وڃن ته پوءِ دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ سياسي پارٽين جي ڪردار بابت اجلاس سڏائي هينئيون قانون سازي به ڪرائي سگهجي ٿي.

1 : سياسي پارٽيون پابند هونديون ته تنظيمي ڍانچو ۽ سيٽ اپ محب وطن، ڏوهن کان پاڪ، تعليم يافته ماڻهن (يعني سياسي تنظيمن جي مرڪزي باڊي، صوبائي باڊي، ضلعي، تحصيل ۽ يوسي سطح جي باڊيز جا عملدار، تعليم يافته، محب وطن، عوام دوست هجن ۽ ڏوهن، بدعنواني، منشيات فروشن گروپن جا سرپرست نه هجن).

2: سياسي پارٽين جو بيان، سندن عهديدارن جو بيان قوتن، وطن عزيز ٻين صوبن، ڪنهن به قوم يا فرقي خلاف نفرت جوڳو نه هجڻ گهرجي. پيڪا ايڪٽ عام ماڻهن تي لاڳو ٿيندو پر سياسي پارٽين تي نه، يعني سياسي تنظيمي سطح تي هڪ طريقو جوڙيو ويو آهي. قوتن ۽ محبوب ملڪ خلاف انتشار يا نفرت پيدا ٿي سگهي ٿي

3: سڀ کان وڌيڪ ته پاڪستان سماجي، سياسي طبقن ۾ ورهائجي ويو اهو ئي تباهي جو سبب آهي. اسيمبليءَ جا ميمبر سرڪاري ملازم (عوامي خدمتگار) نه هوندا آهن. پر اهي رضاڪارانه طور تي چونڊيل عوامي نمائندا هوندا آهن. پر سندن پگهار، مراعتون ۽ آسائشون سرڪاري ملازم کان هزار ڀيرا وڌيڪ آهن. اهو سڀ کان وڏو ظلم آهي. اسيمبلي ميمبرن کي صرف اعزازي وظيفو ڏنو وڃي، پگهار نه. لفظ تنخواهه صرف سرڪاري ملازم لاءِ آهي، عوامي نمائندي لاءِ نه. اهو عوام جي ٽيڪس خزاني تي بار آهي

4: دهشتگردي کي هٿي وٺرائڻ جو سڀ کان وڏو رستو جيڪو اسان پاڻ کوليو آهي، اهو آهي اربين روپين جو بليڪ مني ڪرپشن، جعلسازي، وائيٽ ڪالر ڪرائمز ذريعي غير سرڪاري ادارن جي سياسي حمايت ۽ اهو ڪارو پيسو بيوروڪريسي، سياسي عنصرن جي ملڪ دشمن سرگرمين ۾ استعمال ٿئي ٿو ۽ سياسي نظام هن ڪرپٽ نظام کي بچائڻ لاءِ عوام کي قوتن خلاف استعمال ڪري ٿو اهو سياسي بليڪ ميلنگ ۽ دهشتگردي جي سهولت جو بنياد آهي.

5: سرڪاري ادارن ۾ سرڪاري ملازم سياسي پارٽين جا ڪارڪن چو آهن، سياسي پارٽين جا آفيسر چو آهن، ڇا سرڪاري ملازمن جو سياسي پارٽين سان واسطو رکڻ بدانتظامي ناهي، ڇا اهو ڏوهه ناهي، ڇا اهو سچ ناهي ته سرڪاري ملازم سياسي پارٽين جا آفيسر ۽ ڪارڪن بڻجي، ايم اين اين، ايم پي اين، وزيرن جي سڏائي، غيرقانوني ترقيون ۽ پوسٽن تي اهم مالي فائدا حاصل ڪري، ڪرپشن ڪن ٿا، دوائون چوري ڪن ٿا، سياسي قوتون ۽ ديوٽي به نٿا ڪن. مخالف به سرگرمين، احتجاج ۾ مشغول آهن

6. ڏنو وڃي ته وڏن سرڪاري ملازمن خلاف اربين روپين جي ڪرپشن ۽ جعلسازي جا ڪيس ته ٺهيا آهن پر حڪومتي سطح تي سياسي سرپرستي يا ڊيلنگ جي ڪري ڪنهن کي به سزا نه ڏني وئي آهي. هڪ نظام ڏنو ويو آهي ته ڪرپشن جي ذميوارن کان هر مهيني اربين رپيا ورتا وڃن ٿا ۽ اهي ڪرپٽ سرڪاري ملازم سياستدانن تائين پهچن ٿا ۽ تحفا، پئسا ۽ انهن جا ڪم ڪرين ٿا. پاڪستان جي فوج، آرمي چيف، ISI، MI سميت سياسي پارٽين کي گذارش آهي ته دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ صرف عزم ۽ بيان ڪافي نه آهن بلڪه بيڊ گورننس جو خاتمو ڪيو وڃي، سڀ کان پهرين سرڪاري ادارن ۽ سياسي پارٽين پاران سرڪاري ملازمن کي سياسي مدد نه ڏني وڃي ڪرپشن، جعلسازي، وائيٽ ڪالر ڏوهن، بليڪ مني جي پيداوار ۾ ملوث سرڪاري ادارن جي سياسي حمايت کي الڳ ڪيو وڃي. ڪرپٽ مافيا جو احتساب ٿيڻ گهرجي. ملازمن جي آمدني ۽ اثاثا ظاهر ڪيا وڃن سياسي پارٽين ۽ قوتن جي وچ ۾ مثبت هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ سياسي پارٽين ۾ تعليم يافته، محب وطن، ڏوهن کان پاڪ ماڻهن کي پوزيشنون ڏنيون وڃن ته جيئن سياسي سطح تي عوام ۾ مثبت ۽ محب وطن ماحول پيدا ٿئي، دهشتگردي تڏهن ئي ختم ٿيندي جڏهن مٿين اهم نقطن تي عمل ڪنداسين. اميد آهي ته عوام محب وطن شهري جي حيثيت سان پنهنجي فوج سان گڏ رهندو، ته جيئن ملڪ مان ڪرپشن ۽ دهشتگردي جو خاتمو ٿئي. ان سان گڏ هڪ جمهوري، محب وطن، سياسي عوامي سيٽ اپ قائم ڪيو وڃي جيڪو ملڪ جي دفاع کي مضبوط ڪري ۽ عوام کي خوشحال ملي سگهي

بقايا 01

۽ سياسي سماجي جماعتن پاران شٽر بند هڙتال ڪري ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو ريلي ۾ جي ڊي اي، جي يو آئي ، جئي سنڌ قومي محاذ ـ ايس يو پي ،قومي عوامي تحريڪ ۽ نيشنل پيپلزپارٽي منياٽي جي عهديدارن ، ورڪرن ،صحافين دوڪاندارن ،شاگردن پاران وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ،ريلي لعل مسجد کان ٿيندي شهر جي مختلف رستن کان گذري جي ايم سيد چوڪ تي پهتي جتي اڳواڻن سيف الله ملڪ ـ ظفر تگڙ ـ مولانا مبين احمد پرٽ ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو ،وفاق جو ڪئنالن وارو فيصلو سنڌ دشمن منصوبو آهي سنڌ جي حڪمران پارٽي هن وقت به وفاق سان ٻٽ بنيل آهي سندن چوڻ هو ته پيپلز پارٽي کي گهرجي ته هن اشو تي فورن وفاق کان عليحدگي جو فيصلو ڪري سنڌ سان وفاداري جو ثبوت ڏين سنڌو اسان جي ايندڙ مستقبل جو جياپو آهي جيڪو وفاق پاران کسڻ جي ڪوشش آهي جنهن ۾ سنڌ جي حڪمران جماعت کي ملوث سمجهون ٿا ـ آخر ۾ اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيستائين وفاق پنهنجو فيصلو واپس نٿي وٺي تيستائين هي احتجاج جي تحريڪ جاري رهندي

بقايا 02

واري تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ ڊي اي او تعليم خيرپور عبدالسميع پنهور ـ سميت استاد ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي تقريب کي ڊي اي او تعليم عبدالسميع پنهور خطاب ڪندي چيو آهي ت سنڌ حڪومت تعليم جي ميدان ۾ انقلابي قدم کڻي رهي آهي استادن جي ڪوٽ جي خاتمي لاءِ ميرٽ تي استاد ڀرتي ڪيا ويا آهن ۽ 2022 جي برسات ۾ خيرپور ضلعي اندر ڊهي پيل اسڪولن مان 500 اسڪولن جون عمارتون منظور ٿي چڪيون آهن تعليم جي بهتري ۽ واڌاري استادن کي پنهنجو ڪردار ايمانداري ۽ سچائي سان ادا ڪرڻو پوندو ـ خيرپور ضلعي اندر تعليم جي واڌاري لاءِ اسان پنهنجي پوري ڪوشش ڪري رهيا آهيون تقريب کي خيرپور صحافي اتحاد جي چيئرمين غلام حسين چانگ ـ گستا اڳواڻ مور سنڌي ـ خير محمد منگنيجو استاد غلام رسول چانگ شفيع محمد چانگ ـ حميد الله لاشاري ـ طاهر پنهور ۽ ٻين خطاب ڪيو تقريب دوران ڊي اي او تعليم پوزيشن حاصل ڪندڙ ٻارڙن ۾ ايوارڊ پڻ تقسيم ڪيا ـ جڏهن ت اسڪول جي هيڊ ماستر خيرمحمد منگنيجو آيل مهمانن کي سنڌي جي سوکڙي اجرڪ جا تحفا ڏنا

بقايا 03

علائقو منشيات جو گڙهه بڻجي ويو، رهواسي سراپا احتجاج بڻجي ويا ايس ايس پي سکر کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ سکر جي ايس ايس پي آفيس جي سامهون انڊس اپارٽمينٽ ۾ ڪيلاش ڪمار نالي شخص پاران کلي عام شراب وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، جنهن سبب علائقي جا رهواسي سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن علائقي جي رهواسين خرم، سمي، سعيد، رحيم ۽ ٻين الزام هڻندي چيو آهي ته ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪيون ۽ ڪيلاش ڪمار کي منع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن بي خوفي سان جواب ڏيندي چيو ته مان پنهنجي گهر ۾ شراب وڪرو ڪري رهيو آهيان. توهان کي جيڪي ڪرڻو آهي ڪري وٺو هن غير قانوني ڪاروبار سبب نشي ۾ ڌت اوباش ماڻهو محلي ۾ اچي شراب خريد ڪن ٿا، جنهن سبب علائقي جي ماحول تي خراب اثر پئجي رهيا آهن عورتن ۽ ٻارن لاءِ گهر کان ٻاهر نڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي رهواسين ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور ڪارروائي ڪرائي کلي عام شراب وڪرو ڪندڙ کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ وڌيڪ جاچ ڪئي وڃي، جيئن هن نيٽ ورڪ ۾ ملوث ٻين عنصرن کي به واڪو ڪري سگهجي

بقايا 04

لاڙڪاڻو — خيرپور پل تي ڪئنالن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو. ان حوالي سان جميعت علماءِ اسلام ضلعي لاڙڪاڻي جي پريس ترجمان مولانا حميد الله سيال ۽ ضلعي سالار عبدالله حيدري لاڙڪاڻو پريس ڪلب پهچي صحافين کي دعوت ڏني. ميڊيا سان ڳالهائيندي هنن چيو ته وفاقي حڪومت جو ڪئنالن وارو منصوبو سنڌو درياهه جو پاڻي پنجاب جي چولستان ريگستان ڏانهن موڪلڻ لاءِ ٺاهيو پيو وڃي جيئن اتي نئين زرعي زمين آباد ڪري سگهجي پر سنڌ لاءِ ان جا انتهائي خطرناڪ ۽ تباهه ڪن اثرات مرتب ٿيندا ۽ سنڌ جون آباد زمينون به غيرآباد ۽ بنجر بڻجي وينديون. اهڙي عمل خلاف جميعت علماءِ اسلام پهرين ڏينهن کان جدوجهد ڪري رهي آهي.

بقايا 05

پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير ڀراچي دانهيندي ٻڌايو ته اسان غريب مسڪين ۽ شريف آهيون. پورهيو ڪري گذر سفر ڪندا آهيون. اڄ تائين اسان جي مٿان ڪڪڙ چوري جي ڪنهن به ٿاڻي تي اين سي به داخل نه آهي. ايس ايڇ او خانواهڻ لطف الله مگسي مخالفن کان ڳري رشوت وٺي. انهن جو ڪمدار ٻڌجي بنا اجازت جي گهر ۾ ڌاڙيلن وانگر گهڙي تلاشي بهاني پنجاهه هزار رپيا روڪ رقم ۽ ٻڪريون چار ڦري ۽ هڪ موبائيل فون سان گڏ منهنجي مڙس گلزار کي ڪنپي ڪٽي گم ڪري ڇڏيائين. هن وڌيڪ روئيندي ٻڌايو ت خانواهڻ شهر مان موبائيلن جي دوڪان مان چوري ٿي وئي هئي، چوري واري رات منهنجو مڙس ڳوٺ گل سولنگي ۾ ماما طالب سولنگي وٽ ترسيل هو. ماما پوليس کي چيو ت فيصلو ڪرايو اگر فيصلي ۾ گلزار تي ڏوهه ثابت ٿي ويو ته مان ٻيڻ تي رقم ڀري ڏيندس، ان جي باوجود ايس ايڇ او رشوت عيوض گلزار مٿان چوري جو الزام جي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري ظلم ڪري ڇڏيائين. هن وڌيڪ چيو ته مان خانواهڻ جي چڱي مڙس ڊاڪٽر نثار ڪلهوڙي ڏي قرآن شريف کڻي ويس ته منهنجو مڙس بي گناهه آهي ان ۾ منهنجي مدد ڪيو پر ان به هڪ نه ٻڌي، جنهن بعد دوڪاندار تنوير ميمڻ ڏي قرآن شريف کڻي ويس ان چيو ت مان توهان کي ن ڦاسايو آهي، پوليس توهان کي ورتو آهي، هن ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪئي ته هن معاملي جو نوٽيس وٺي ٻڪريون روڪ رقم ۽ فون واپس ڏياري Sho خلاف ڪاروائي ڪرائي ڪيس ختم ڪرائي انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا 06

ڪري ڊهي پئي ـ جنهن ڪري گهر ڀاتي گلشاد زال لطيف علي رند ـ ريحانا زال منور علي رند کي ڇت جا گارڊر لڳڻ ڪري سخت زخمي ٿي پيون جن کي رڙين تي پاڙي وارن ٻاهر ڪڍيو ۽ زخمين کي ميهڙ اسپتال منتقل ڪيو ويو ـ ان موقعي تي پورهيت گهر ڀاتي عبداللطيف رند چيو ته اسان غريب مسڪين آهيون ـ مها ٻوڏ کان وٺي ڪچن گهرن ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون ـ هن چيو ته اوچتو گهر جي ڇت ڪري پئي جنهن 2 عورتون زخمي ٿيون آهن ـ هن چيو ته اسان جو سرڪاري گهر منظور ٿيو آهي پر پيسا ڏيڻ لاءِ چڪر ڪٽرائي رهيا آهن ـ هن چيو ته پ پ حڪومت کان گهر ڪيان ٿو ته سرڪاري گهر جا پيسا جاري ڪري ڏنا وڃن ته جيئن گهر ٺهرائي سگهان ـ هوڏانهن زخمين کي لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو ويو هو

بقايا 07

ڳوٺ ۾ مبينه قتل ٿي ويل محمد امتياز ڪوڪر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سندس امڙ حڪيمه ڀاءُ اڪرم ,اويس ۽ ٻين پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهيءَ موقعي تي مقتول جي امڙ حڪيمه چيو ته ڏيڍ مهينو اڳ سجاد ڪوڪر منهنجي ڌيءَ جو رشتو گهريو رشتو نه ڏيڻ تي سجاد ڪوڪر ڀولو ماڇي، علي محمد رند ۽ ڪجهه نامعلوم هٿيار بندن سان گڏ ڪيس گهرا سڌي قتل ڪري فرار ٿي ويا اسان ڪيس ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ ٿاڻي تي پهتاسين پوليس ڪيس داخل نه ڪيو هنن چيو ته ٻانڊي پوليس جوابدارن جو ڊر ٻڌيل آهي ۽ اتان جا بااثر جوابدارن جا حمايتي ٻڌيل آهن هنن چيو ته ڏيڍ مهينو گذري وڃڻ باوجود جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ۽ ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 08

ان سلسلي ۾ اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي پوليس ايس ايڇ او علڻ خان عباسي جي اڳواڻي ۾ گلشن حديد فيز 1 ۽ 2 ۾ ڪارروائي ڪندي غيرقانوني ترسيل 12 افغانين کي گرفتار ڪري ورتو. ايس ايڇ او اسٽيل ٽائون علڻ خان عباسي موجب فارين ايڪٽ تحت غيرقانوني ترسيل 12 افغاني شهرين کي گرفتار ڪيو آهي جن خلاف فارين ايڪٽ تحت ڪارروائي پڻ عمل ۾ آندي وئي آهي. حڪومت پاران فارين ايڪٽ تحت غيرقانوني ترسيل پرڏيهين خلاف ڏنل مهلت ختم ٿيڻ بعد سندن خلاف ڪارروائي شروع ڪندي گلشن حديد جي فيز 1 ۽ 2 مان تصديق ڪرڻ بعد 12 افغاني گرفتار ڪيا آهن غيرقانوني ترسيل افغانين جو گهيرو تنگ ڪري ڪين گرفتار ڪري فارين ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 09

ڪچي آبادين ۽ سرڪاري زمينن تي قبضا مافيا جي قبضن ۽ جعلي ڪاغذ ٺاهڻ کان آگاهه ڪيو. غير قانوني سرگرمين ۾ سهولت فراهم ڪندڙ ماڻهن خلاف پڻ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته سرڪاري زمينن تي قبضو ڪرڻ وارا ماڻهو پاڻ کي آئين ۽ قانون کان مٿانهون سمجهي، عام ماڻهن ۽ سرڪاري ملازمن جي پلاٽن تي پڻ قبضو ڪري ڇڏيندا آهن. هن چيو ته زمين تي قبضي کان پوءِ هاءِ رائز بلڊنگ ٺاهيندا آهن ۽ ٽوڪي سان وڪڻندا آهن. ڌوڪيو جنهن سان ماڻهن جي زندگيءَ جي سموري جمع پونجي ضايع ٿي وڃي ٿي. هن چيو ته زمينن تي قبضو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. ان موقعي تي ڊي آءِ جي عرفان بلوچ يقين ڏياريو ته قبضا مافيا، غير قانوني سرگرمين ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، غير قانوني اڏاوتن ۽ قبضا مافيا جي خلاف ڪنهن قسم جي رعائت نه ڪئي ويندي. ان موقعي تي پوليس آفيسرن سميت هيومن سيٽلمنٽ اٿارٽي جو ريجنل ڊائريڪٽر ڪراچي شيخ بلال، ڊائريڪٽر ايڇ آر، ڊائريڪٽر ايڊمن خالد بيگ پڻ موجود هئا.

بقايا 10

سال 26_2025 لاءِ نصابي ڪتابن جي ترسيل جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه پنهنجي جاري ڪيل هڪ بيان ۾ چيو آهي ته تعليمي سال جي شروعات سان گڏ ئي ڪتابن جي فراهمي پڻ شروع ڪئي وئي آهي. داخلا جي تناسب مطابق شاگردن لاءِ 50 لک کان وڌيڪ ڪتابن جا سيٽ تيار ڪيا ويندا ۽ اسڪولن ۾ وقت سر مهيا ڪيا ويندا. جنهن سان تعليمي عمل وڌيڪ مؤثر بڻجي سگهندو. سرڪاري اسڪولن ۾ درسي ڪتابن جي ورهاست ۽ فراهمي جي مرحلي جي شروعات جي سلسلي ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄامشورو ۾ ڇنڇر جي ڏينهن هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ پرويز احمد بلوچ، سيڪريٽري ڊاڪٽر نصرت پرويز سهتو ۽ ٻين تعليمي انتظامي عملدارن شرڪت ڪئي. درسي ڪتابن جي ورهاست جي پهرين مرحلي جي شروعات ڪندي، چيئرمين STBB ڪتاب ڄامشورو جي تعلقه تعليمي آفيسرن حوالي ڪيا. پهرين مرحلي ۾ ضلعو ڄامشورو جي ٽن تعلقن مانجهند، ٿانو بولا خان ۽ سيوهڻ جي سرڪاري اسڪولن جي ڪتاب فراهم ڪيا ويا آهن. شروعاتي طور تي ڪتاب پرائمري سرڪاري اسڪولن ۾ پهچايا پيا وڃن. جڏهن ته ايندڙ هفتي کان سيڪنڊري اسڪولن ۾ پڻ ورهاست جو عمل شروع ڪيو ويندو. سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڪتابن جي ورهاست کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ مختلف نگران ڪميٽيون پڻ جوڙي ڇڏيون آهن. جيڪي اسڪولن ۾ وڃي ڪتابن جي موجودگي جي نگراني ڪنديون ته جيئن اهو يقيني بڻائي سگهجي ته ڪتاب صحيح وقت تي شاگردن تائين پهچي رهيا آهن. گذريل تعليمي سال جي پڄاڻيءَ تي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه جي هدايت تي سرڪاري اسڪولن ۾ بُڪ بينڪ قائم ڪيا ويا هئا. صوبائي وزير پنهنجي بيان ۾ چيو ته پهريون ڀيرو قائم ٿيندڙ انهن بُڪ بينڪس جي مدد سان اسڪولن ۾ ڪتابن جي وقت سر موجودگي کي يقيني بڻائڻ ۾ به مدد ملي سگهندي، هن چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن جي داخلا جي انگن اکرن ۽ بُڪ بينڪس ۾ موجود ڪتابن جي تناسب مطابق اسڪولن کي درسي ڪتاب مهيا ڪيا ويندا. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته "اسين هن سلسلي کي وڌيڪ بهتر بڻائينداسين، چو ته استادن جي ميرٽ تي ڀرتين سان سرڪاري اسڪولن جي ڪارڪردگي ۾ بهتري آئي آهي، جنهن سبب داخلا جي تناسب ۾ پڻ واڌارو ٿيو آهي." هن زور ڀريندي چيو ته ڪتابن جي ڇپائي ۽ ترسيل لاءِ موجود وسيلن جي استعمال سان گڏوگڏ اسان کي ٻين وسيلن ڏانهن به وڃڻو پوندو. ته جيئن وقت سر بُڪ بينڪس ذريعي به اسڪولن ۾ ڪتابن جي دستيابي ممڪن ٿي سگهي، جنهن سان محدود وسيلن مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي. آخر ۾ هن چيو ته "اسين بُڪ بينڪ جي رجحان کي وڌيڪ هٿي ڏينداسين. ۽ هر سال 50 سيڪڙو ڪتابن جي واپسي جو هدف حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ته جيئن وڌندڙ مهانگائي جي مقابلي ۾ ايندڙ وسيلن جي استعمال کي گهٽ کان گهٽ رکڻ ۾ مدد ملي سگهي."

بقايا 11

چانڊيو ـ ايڊووڪيٽ قائم جتوئي ۽ ٻين فريدآباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سنڌو درياهه مٿان 6 تڪراري ڪينال ٺاهڻ نامنظور ـ عوامي پورهيت تحريڪ مرڪز پاران سنڌ ۾ تحريڪ هلائڻ ۽ پيادل مارچ ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪريون ٿا. هن چيو ته سنڌ ۾ ترقي جي نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪيون پيون وڃن ـ پنجاب هميشا سنڌو درياهه مٿان ڌاڙو هنيو آهي ـ هن چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي زمين تي والار ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته پ پ عوام سان ٺوڪو ڪري رهي آهي ـ سنڌ جو هر باشعور ماڻهو ڪينالن کي رد ڪري چڪا آهن ـ هنن سياڻي آچر ته فريدآباد ۾ عوامي پورهيت تحريڪ پاران قائم جتوئي کان فريدآباد تائين پيادل مارچ ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي ـ جنهن جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهي.

بقايا 12

خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس ٻيهر بحال ڪئي ويندي. اختيارين جو چوڻ آهي ته خوشحال خان خٽڪ 2020 ع ۾ ڪورونا وبا دوران بند ڪئي وئي هئي. خوشحال خان خٽڪ سنڌ، ڏکڻ پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جي علائقن کي هڪٻئي سان جوڙي ٿي. ڪراچي کان نڪرندڙ هيءَ ريل گاڏي، ڪوٽڙي، سيوهڻ، لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور، راجن پور، ديرا غازي خان، ڪوٽ ادو، بکر، ميانوالي، جند، اٽڪ، اڪوڙا خٽڪ کان ٿيندي پشاور ڇانوڻي تائين جو سفر طئي ڪري ٿي.

بقايا 13

هاءِ اسڪول ۾ آئي آر سي ۽ اي ايم او جي سهڪار سان سينئر هيڊماستر جي نگراني ۾ والدين ۽ استادن جي ميٽنگ ۽ ساليانو رزلٽ انائوسمينٽ جي تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ درگاهه حضرت پير ميهر شاهه جيلاني گادي نشين پيپلزپارٽي سکر ڊويزن جي صدر اڳوڻي ايم پي اي پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني ۽ پير سيد صالح محمد شاهه جيلاني مهمان خاص طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ هيڊ ماستر استاد غلام اصغر شيخ سينئر ايڊووڪيٽ حفيظ چانڊيو استاد بادل خان اڄڻ ،استاد قربان وساڻ ،انڊس پبلڪ اسڪول جي پرنسپال استاد عبدالغني وساڻ ضلعي ڪائونسل ميمبر غلام قاسم اڄڻ، مير محمد اڄڻ ،صوفي امير بخش استاد امام بخش، عبدالسلام شيخ، استاد محمد حنيف اڄڻ، جنداڻي،پروجيڪٽ مينجر محمد صفر قلپوٽو، شاهه نواز شيخ صحافي محمد علي اڄڻ فدا حسين اڄڻ، علي محمد منگريو، استاد محمد عثمان شيخ، استاد حسين بخش اڄڻ، استاد احمد اڄڻ سميت شاگردن والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين حمد. نعت. نغما تقريرون ۽ ٽيبلوز پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو ۽ جڏهن ته پوزيشن کٽندڙ شاگردن کي ميڊل، ايوارڊ سرٽيفڪيٽ ۽ انعام پڻ ڏنا ويا، ان موقعي تي مهمان خاص اڳوڻي ايم پي اي پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني هيڊ ماستر استاد غلام اصغر شيخ ڳالهائيندي چيو ته تعليم کان سواءِ ترقي ممڪن ناهي، ڊرٻ ميهر شاهه جي سرڪاري اسڪول ۾ تعليم جو معيار تيزي سان بهتر ٿي رهيو آهي والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي هن اسڪول ۾ موڪلين، ۽ شهري ۽ والدين کي پنهنجي سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي، اميد آهي ته مستقبل ۾ هن اسڪول جا شاگرد اڃان وڌيڪ محنت ڪري پنهنجي والدين ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪندا. تقريب ۾ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍايا ويا

بقايا 14

اعجاز ملڪاڻي، حميد ميمڻ، منصور پنهور، سڪندر ڪوڪر، احمد ملاح، حسين جمالي، مهدي چنه، سراج سومرو، زين، راجا سولنگي ۽ ٻين چيو ته گذريل 44 مهينن کان سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري اغوا آهي سنڌ سرڪار ٽوڙي سنڌ پوليس معصوم نينگري کي بازياب نه ڪرائي سگهي آهي، هنن چيو ته سنڌ سرڪار سڪتا دلاسا ڏئي رهي آهي، با اثر قانون کان آجا آهن هنن چيو ته نويد لاشاري کي اغوا ٿئي هڪ سال کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي اهو به بازياب نه ٿي سگهيو آهي مظاهرين چيو ته سنڌو درياهه سنڌين جو جياپو آهي زندگي ۽ موت جو سوال آهي سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين هنن چيو ته سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي وفاق فيصلو واپس وٺي ٻي صورت ۾ احتجاجن جا سلسلا جاري رهندا

بقايا 15

اسپتال ڪراچي، اسرا فائونڊيشن ۽ نصيرآباد جي سماجي شخصيت حاجي ممتاز علي شيخ جي تعاون سان نصيرآباد ۾ نئين تعمير ٿيندڙ "مڪ آءِ اسپتال " جو افتتاح اسرا فائونڊيشن جي باني ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ جي هٿان اڄ ٿي گذريو. افتتاحي تقريب ۾ اعزازي مهمان اکين جو ماهر ڊاڪٽر محمد خان شيخ، الابراهيم اسپتال ڪراچيءَ جو ماهر ڊاڪٽر عبدالفتاح ميمڻ جن هئا، جن آيل مهمانن کي ڀليڪار چئي. تقريب کي اسرا يونيورسٽي جي وائيس چانسلر غلام قادر قاضي ۽ ٻين خطاب ڪيو. نصيرآباد جي سماجي شخصيت حاجي ممتاز علي شيخ، جنهن هن اسپتال اسپتال لاءِ مفت پلاٽ ۽ عمارت جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ممتاز علي شيخ خطاب ڪيو. افتتاحي تقريب ۾ نصيرآباد، ميهڙ ،قمبر ۽ لاڙڪاڻي جي مهمانن جي شرڪت رهي. جڏهن ته مختلف شخصيتن کي مجتا طور شيلڊون پڻ ڏنيون ويون.

بقايا 16

محمد چانڊيو جو رهواسي پورهيت عبدالرحمان چانڊيو تعلقا پريس ڪلب قاضي احمد آڏو پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ دانهيندي چيو ته ڪجهه وقت اڳ نامعلوم چور منهنجي هڪ ٻڪري ۽ ڇيلو چوري فرار ٿي ويا هئا. جنهن جي اين سي قاضي احمد ٿاڻي تي داخل ڪرائي. پر پوليس اڃا تائين چورن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪئي آهي. هن چيو ته غريب مسڪين پورهيت ماڻهو آهيان مون سان انصاف ڪيو وڃي. هن آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي شهيدبينظيرآباد ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته چورن خلاف ڪاروائي ڪري چوري ٿيل ٻڪري ۽ ڇيلو واپس ڪرائي ڏنو وڃي. انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 17

پٽ 24 ڪلاڪن ۾ بازياب نه ٿيو ته ڪراچي کان رحيم يار تائين روڊ رستا بند ڪري احتجاجي ڌرڻا هوندا جي يو آءِ جو اهم اجلاس ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي جي يو آءِ اڳواڻن مولانا محمد صالح انڍڙ مولانا غلام هاليجوي مولانا رفيق احمد ميراڻي ميان فضل سومرو مولانا عبدالوهاب مهر ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سنڌ جو وڏو وزير ۽ سندس ڪابينا به سک جو ساهه نه کڻندي جميعت هتراڏو اغوا ۽ ٻيا ڊراما ڏسي ڪينالن تان هٽ نه ڪٽندي سنڌ م سنڌو تي سودو ڪندڙ سنڌ جا غدار پنهنجي ماءُ پيءُ جا پٽ نه هوندا جي يو آءَ اڳواڻ ڳوٺ فرقپور ۾ مولوي علي اڪبر ڪلهوڙي جي رهائش گاهه تي سندس پٽ ابوبڪر ڪلهوڙي جي مبينا اغوا ۽ ڌاڙيلن پاران هڪ ڪروڙ پنگ گهرڻ جي مذمت ڪندي جي يو آءِ اڳواڻن واضح ڪيو ته سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ جي مخالفت ڪرڻ تي زرداري حڪومت ۽ ان جي چاڙتن پاران ٻار اغوا ڪرڻ جون سازشون شروع ڪري ڏنيون آهن انهن چيو ته ڌاڙيل پاران نينگر ابوبڪر عباسي کي بازياب ڪرڻ لاءِ هڪ ڪروڙ پنگ جيڪو ايس ايس پي سکر اظهر مغل کي جمع ڪرڻ لاءِ چوڻ مان لڳي ٿو ته ابوبڪر کي اغوا ڪرائڻ سازش آهي جمعيت پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي اولاد ته قربان ڪندي پر سنڌ جي وسيلن تي سودو نه ڪندي

بقايا 18

پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان کي ابن ڏاڏن ڳوٺ اڏ ڪاهي لاڙائي گهرن ڀرسان ديهه ڪور حسن ۾ ايس ايس پي آفيس لڳ هڪ ايڪڙ ايڪٽيهه ويسا زرعي زمين آهي جيڪا اسان آباد ڪندا آهيون 2005 ۾ نوشهرو فيروز جي سنڌ ڪالوني جي رهواسي غلام قادر مغل جعلي ڪاغذ ٺهرائي قبضي جي ڪوشش ڪئي اسان ان جعلي رجسٽرين خلاف عدالت ۾ سول سوٽ داخل ڪيو جيڪو ڪيس اسان کٽيو وري ساڳي زمين تي مخالفن اپيل داخل ڪئي پر عدالت سگهوري 2018 ۾ ٻيهر زمين اسان حوالي ڪئي هاڻي ساڳي قبضا مافيا غلام قادر مغل الياس راجپوت اقبال هاليپوٽو نديم لاڙائي عباس لاڙائي الياس لاڙائي ارشاد لاڙائي الهڏنو لاڙائي ۽ ٻيا هٿيار بند وبهاري زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا مان اعلا اختيارين وزيراعلا سنڌ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهرو فيروز کي اپيل ٿو ڪيان ته خدا جي واسطي مون هن قبضا مافيا کان تحفظ فراهم ڪري سندن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي

بقايا 19

شڪارپور ۾ اهم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته جي يو آءِ طرفان 6 ڪئنالن خلاف تحريڪ تيستائين جاري رهندي جيستائين انهن کي رد ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري نه ٿو ڪيو وڃي هن چيو ته پيپلزپارٽي غدار آهي جنهن جا اڳواڻ سنڌ سان غداري ڪري رهيا آهن هڪ طرف اهي پاڻ 6 ڪئنال لکي ڏئي رهيا آهن ته ٻئي طرف ڊرامون ڪري ڪئنالن خلاف هروڀرو احتجاج ڪن پيا سنڌ جو عوام انهن لٽيرن کي سڃاڻي ورتو آهي هاڻي پيپلن جو گهيرو تنگ ٿي چڪو آهي هن چيو ته سياڻي 6 اپريل تي سڄي سنڌ اندر ٻئراجن مٿان جي يو آءِ ڌرڻا هڻندي ۽ سکر ۾ شڪارپور سميت ٻين ضلعن جا هزارين ڪارڪن پهچي سکر بئراج تي ڌرڻو هڻندا اسين سنڌ جي عوام کي اپيل ٿا ڪريون ته اٿو هي وقت ويهڻ جو ناهي سنڌ جي پاڻي معاملي تي سنڌ سان نياپو

بقايا 20

لائبريري کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي جناح باغ چوڪ پهتي جتي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڪئنالن خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن حسين بليدي، سرتاج جتوئي، شعور سنڌي، عبيدالله مهيسر، عامر ڪريم ٻگهيو، شاهزيب علي، عامر چانڊيو، مرتضيٰ عمراڻي، ڊسٽرڪٽ بار لاڙڪاڻو جي نائب صدر ايڊووڪيٽ جاويد بليدي، ايڊووڪيٽ قادربخش پٽي، ايڊووڪيٽ امتياز حسين جتوئي، ايڊووڪيٽ فراز احمد، ايڊووڪيٽ فواد مشوري، ايڊووڪيٽ غلام شبير جتوئي، ايس يو پي اڳواڻ ڊاڪٽر مظهر مغل، ڪامريڊ محمد ساريو، جميل ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌو درياهه تي ڪارپوريٽ فارمنگ تحت غيرقانوني 6 ڪئنال اڏي سنڌ جي معيشت کي هٿ سان تباهه ڪري سنڌو کي سڪايو پيو وڃي

بقايا 21

برادري پاران شهر سکر جا سڀ واپاري ۽ ڪاروباري مرڪز علامتي سوڳ طور بند رهيا، ڪاروباري ۽ واپاري مارڪيٽون بند هجڻ ڪري پري پري کان آيل شهرين کي خريداري ۾ ڏکيائي کي منهن ڏيڻو پيو. بعد ۾ فوت ٿيل نوجوان عبدالله ميمڻ جي نماز جنازي کان پوءِ ڪجهه مارڪيٽون کلي ويون. جڏهن ته ڪيترين واپاري مارڪيٽون پورو ڏينهن بند رهيون. واپاري برادري پاران ملٽري روڊ سکر تي ٿيل المناڪ روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوانن عثمان ميمڻ ۽ عبدالله ميمڻ ۽ سخت زخمي عبدالاحد ميمڻ بابت ڏک جو اظهار ڪندي چيو ويو ته هن افسوسناڪ واقعي سکر جي عوام کي غمگين ڪري ڇڏيو آهي. اسان هن افسوسناڪ واقعي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪريون ٿا ۽ متاثر خاندانن جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهيون. واپاري برادري اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي، ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي ۽ وارثن کي انصاف مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 22

مري ۽ سماجي اڳواڻ شبير احمد شاهه راشدي سان ملاقات پوليو مهم جي حوالي سان گڏيل بيان ڏيندي اڳوڻي ايم اين اي نويد ڏيرو ۽ سينيٽر عيني مري شبير شاهه راشدي ۽ ڊپٽي ڊسٽرڪ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر محمد اسلم چٽو ميڊيا سان ڳالهيندي چيو آهي ت اسان جي عوام کي اپيل آهي ت 21 کان 27 اپريل تائين پنهنجي معصوم گلن جهڙي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري ڪين هميشا جي معذوري کان بچايو وڃي اسان جي ٽيمون هر ڳوٺ هر يوسي ۾ ڪم ڪري رهيون آهن اساب جي پوليو خلاف جنگ جاري آهي اسان جو عظم آهي هر ڳوٺ هر يوسي ۾ در در وڃي هن مرض کي هميشا لا ختم ڪيو ويندو سنڌ جي عوام کي اپيل آهي ت اسان جي پوليو ٽيم جي ورڪرن سان تعاون ڪري پنهنجي معصوم ٻارن جو مستقبل روشن ڪن

بقايا 23

خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي نابين شاگرد نوجوان محمد عظيم ڍوٽ ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته مان لاهور شهر جي جوهر ٽائون ۾ اسپيشل ايجوڪيشن ڊگري ڪاليج ۾ انٽر جو شاگرد آهيان. گهر ڀاتين سان گڏجي عيد ڪرڻ لاءِ مان 27 رمضان تي بادهه پنهنجي گهر آيس. هن الزام لڳايو ته عيدالفطر جي ٽئين ڏينهن لاڙڪاڻي شهر جي ايوب ڪالوني واسي دوست شعيب ابڙو فون ڪري لاڙڪاڻي گهرائي شهر جي الهه آباد سائي مسجد واري علائقي ۾ پنهنجي 7 کان وڌيڪ دوستن سان گڏجي مون کان 20 هزار روپيا روڪ رقم ڦر ڪري مزاحمت تي ڏنڊا هڻي رتورت ڪري ڇڏيو اهڙي دانهن کڻي مان الهه آباد ٿاڻي تي ويس جتي پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪندي حيدري ٿاڻي تي موڪليو جنهن تي حيدري ٿاڻي جي به پوليس موٽائي ڇڏيو بعد مان مان ايس ايس پي آفيس لاڙڪاڻو ۾ درخواست به داخل ڪرائي پر اڄ ڏينهن تائين ڪو به تدارڪ نه ڪيو ويو جيڪا وڏي ناانصافي آهي.

بقايا 24

چيو آهي ته سنڌ جي نااهل حڪمرانن ڪرپشن کان سواءِ ڪجهه به نه ڪيو آهي، سنڌ کي ڄاڻي واڻي تباهي جي ڪناري تي پهچايو پيو وڃي جيڪو ڪنهن به صورت قبول نه ڪيو ويندو. سنڌ حڪومت امن امان قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام نظر اچي رهي آهي. جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي حقن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو يا سوديبازي نه ڪندي. جمعيت علماءِ اسلام هميشه ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ عوام جي حقن لاءِ هر پليٽ فارم تي آواز بلند ڪيو آهي ۽ اسان ملڪ جي امن لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکيا آهي. جمعيت علماءِ اسلام جي زير اهتمام سياڻي ٻيهرلو باءِ پاس تي ڪئنالن، ڪارپوريٽ فارمنگ سميت سنڌ دشمن فيصلن ۽ امن امان جي صورتحال خلاف احتجاجي ڌرڻو سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ نئون باب لکندو. اهڙو اظهار هن هن جمعيت علماءِ اسلام سٽي سکر جي زير اهتمام ٿيندڙ اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ قاري لياقت علي مغل، مولانا مفتي قمر الدين ملانو، مولانا عبيدالله پتو، مولانا محمد رفيق بنڌاڻي، مفتي محمد اعظم مهر، قاري عبد الوحيد مهر، مولانا حماد الله ڪوسو، محمد طاهر مهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڌرڻي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڀرپور شرڪت جو فيصلو ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙن جي يو آءِ جي مرڪزي ڪائونسل جي رڪن ۽ تعلقه پنوعاقل جي سيڪريٽري جنرل مولانا علي اڪبر عباسي جي پٽ جي اغوا تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي پوليس تي سخت تنقيد ڪئي ته ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود مغوي کي بازياب ڪرائڻ ۾ پوليس ناڪام رهي آهي.

بقايا 25

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ بعد وين حادثي ۾ زخمي ٿيل پيپلز پارٽي جيالن صديق بروهي، شاهد علي ٽونيو، عباس ٽونيو، علي رضا ٽونيو ۽ ڊرائيور عزيز ڪوسو جي عيادت ڪئي. جتي هن ڊاڪٽرن کان جيالن جي صحت بابت معلومات ورتي ۽ کين بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم اين اي رميش لعل چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي تي ڪارڪن شرڪت ڪرڻ آيا جن مان ٻه ڄڻا حادثي ۾ فوت ۽ ڪجهه زخمي ٿي پيا آهن. زخمين کي ٽراما سينٽر ۾ ماهر ڊاڪٽر بهتر علاج فراهم ڪري رهيا آهن جيڪي جلد صحتياب ٿي گهرن ڏانهن ويندا. هن چيو ته صحت جي حوالي سان سنڌ جي بجيٽ پنجاب صوبي کان گهٽ آهي پر گهٽ بجيٽ جي باوجود سنڌ صوبي ۾ عوام کي ڪراچي، گمبٽ، لاڙڪاڻي، سکر ۽ ٻين شهرن ۾ علاج جون مفت سهولتون ملي رهيون آهن. هن چيو ته هندو ڪميونٽي اجمير شريف ۽ ٻين وڏين درگاهن تي دعائون گهريون آهن. الله تعاليٰ صدر آصف علي زرداري کي جلد صحتياب ڪندو. هن چيو ته مان ادنيٰ ڪارڪن چوان ٿو ته ڪئنال نه ٺهندا ۽ ڪو به سنڌي ماڻهو نه چاهيندو ته اسان جي سنڌ تي ڌاڙو لڳي ۽ سنڌ جو نقصان ٿئي. رات چيئرمين وزيراعظم کي چيو آهي ته ڪئنال منصوبي کان باز اچو، توهان کي ياد هوندو ته ڪالاباغ ڊيم منصوبو شهيد محترمه بينظير ڀٽو بند ڪرايو ۽ ٻئي ڪنهن ۾ جرئت نه هئي، جيڪڏهن حڪومت ڪئنال منصوبي تان هٿ نه کنيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ايندڙ لائحه عمل جو اعلان ڪندو. هن چيو ته پنهنجي حق لاءِ ماڻهو جنگ به ڪندو آهي تنهن ڪري اسين پاڻي تي ڪنهن کي ڌاڙي جي اجازت نه ڏينداسين. پاڻي تي به جنگ ٿيندي.

بقايا 26

جي لکين ايڪڙ زمين بيابان ۽ بنجر بنجي ويندي پيرسائين پاڳاري جي قيادت ۾ سنڌ دشمن منصوبي خلاف آخري دم تائين جدوجهد جاري رهندي حرن هروقت سنڌ جي حفاظت ڪئي آهي هاڻي به وطن خاطر جانين جو نذرانو ڏئي سنڌ خلا ف هرسازش کي ناڪام بنائينداسين اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ليبر ونگ جي صوبائي نائب صدر فقيرنياز حسين ميراڻي روزاني " پاڪ" سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته پيپلزپارٽي اقتدار جي عيوض سنڌ جي هرشئي ڪپائي ڇڏي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته درياءَ ڪپائي ست ڪروڙ سنڌين کي تباهه ۽ برباد ڪيو پيو وڃي هن اسان اڳ ۾ به سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ڪري اهي منصوبا ختم ڪرايا هاڻي به پيرسائين پاڳاري جي قيادت ۾ ڪئنالن خلاف جدوجهد ڪري ڪئنالن جهڙي سنڌ دشمن منصوبن کي ناڪام بنائينداسين هن چيو ته 27 اپريل تي جي ڊي اي طرفان ڪراچي ۾ ڌرڻو هڻنداسين ان لاءِ اسان سڄي سنڌي قوم کي اپيل ٿا ڪيون ته ڪئنالن خلاف ان تاريخي جلسي ۾ شريڪ ٿي سنڌ ڌرتي سان سچائي جو ثبوت ڏين هن چيو ته ٻٽي نظام کي پيرسائين پاڳاري ختم ڪرايو انشاالله ڪئنالن کي به پيرسائين جي قيادت ۾ ختم ڪرائي سک جو ساهه کڻنداسين هن وڌيڪ چيو ته اگر چولستان کي آباد ڪرڻو آهي ته پنجاب پنهنجي حصي جي پاڻي مان آباد ڪرائي اسان سنڌو درياءَ جي پاڻي جو هڪ ڍڪ غيرقانوني طور تي ڪنهن کي کڻڻ نه ڏينداسين

بقايا 27

ضلعي جي غلام الله شهر سان تعلق رکندڙ بيباڪ اردو سينئر صحافي پيرل پياسي ملاح جي مان ۾ تقريب ٿي، تقريب ۾ سنڌ ڪلچرل فورم جي چيئرمين صادق لاکو قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي صدر ممتاز علي شيخ ڪامران سلطان ملاح رحيم بخش ملاح علي حيدر ٻولو شاهد ميمڻ سينئر صحافي اڄي ڪمار تاج گل کهيو عبدالستار ملاح عمر ملاح رفيق ملاح جاويد ملاح امام بخش ملاح نظير ملاح سميت سوين شهرين سياسي سماجي ادبي اڳواڻن شرڪت ڪئي سالگرهه جي تقريب دوران درياءَ تي ڌاڙو نامنظور ڪئنال سمورا نامنظور جهڙن نعرن سان ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سينئر صحافي پيرل پياسي ملاح هڪ ڪردار آهي جنهن هميشه حق سچ جو علم بلند ڪيو آهي قلم جي لڄ رکي آهي پيرل پياسي ملاح هڪ بي ڊپو اردو صحافي آهي جنهن ڪڏهن سچ لکڻ کان نه ڪيٻايو آهي صحافت دودا دليري سان ڪئي آهي هن کي هر دور ۾ حراسان ڪيو ويو آهي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي جهڪائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن پر ڪڏهن به هن آڏ نه مڃي وقت جي حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪايو آهي وڌيڪ هنن چيو آهي ته سنڌوءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍي سرسبز شاداب سنڌ کي بنجر بڻائڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن پر ڪنهن به صورت ۾ ڪئنال ڪڍڻ نه ڏنا ويندا ڪئنال سنڌين جي لاشن مٿان ٺهندا سنڌي عوام سجاڳ ٿي چڪي آهي جيڪا سنڌ دشمن حڪمرانن جي رستا روڪ ڪري رهي آهي سنڌو درياءَ ڪروڙين سنڌين جو جياپو آهي ان جياپي لاءِ هر قرباني ڏينداسين اسان کان جياپو کسڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن هر موڙ تي مزاحمت ڪنداسين

بقايا 28

جي نگراني هيٺ والدين ۽ استادن جي ميٽنگ ۽ ساليانو رزلٽ انائوسمينٽ جي تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر سليم الله سولنگي، ڪائونسلر محمد حنيف سولنگي، ڳوٺ جي معزز شخصيتن استاسد نذير احمد سولنگي سميت علائقي جي معززين سميت شاگردن جي والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين حمد. نعت. نغما تقريرون ۽ ٽيبلوز پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو ۽ جڏهن ته پوزيشن کٽندڙ شاگردن کي ميڊل، ايوارڊ سرٽيفڪيٽ ۽ انعام پڻ ڏنا ويا، ان موقعي تي معززين جو چوڻ هو ته تعليم کان سواءِ ترقي ممڪن ناهي، ڳوٺ گاگڙي جي سرڪاري اسڪول ۾ تعليم جو معيار تيزي سان بهتر ٿي رهيو آهي والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي هن اسڪول ۾ موڪلين، ۽ شهري ۽ والدين کي پنهنجي سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي، اميد آهي ته مستقبل ۾ هن اسڪول جا شاگرد اڃان وڌيڪ محنت ڪري پنهنجي والدين ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪندا. تقريب ۾ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍايا ويا سال 26_2025 لاءِ نصابي ڪتابن جي ترسيل جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه پنهنجي جاري ڪيل هڪ بيان ۾ چيو آهي ته تعليمي سال جي شروعات سان گڏ ئي ڪتابن جي فراهمي پڻ شروع ڪئي وئي آهي. داخلا جي تناسب مطابق شاگردن لاءِ 50 لک کان وڌيڪ ڪتابن جا سيٽ تيار ڪيا ويندا ۽ اسڪولن ۾ وقت سر مهيا ڪيا ويندا. جنهن سان تعليمي عمل وڌيڪ مؤثر بڻجي سگهندو. سرڪاري اسڪولن ۾ درسي ڪتابن جي ورهاست ۽ فراهمي جي مرحلي جي شروعات جي سلسلي ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄامشورو ۾ ڇنڇر جي ڏينهن هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ پرويز احمد بلوچ، سيڪريٽري ڊاڪٽر نصرت پرويز سهتو ۽ ٻين تعليمي انتظامي عملدارن شرڪت ڪئي. درسي ڪتابن جي ورهاست جي پهرين مرحلي جي شروعات ڪندي، چيئرمين STBB ڪتاب ڄامشورو جي تعلقه تعليمي آفيسرن حوالي ڪيا. پهرين مرحلي ۾ ضلعو ڄامشورو جي ٽن تعلقن مانجهند، ٿانو بولا خان ۽ سيوهڻ جي سرڪاري اسڪولن جي ڪتاب فراهم ڪيا ويا آهن. شروعاتي طور تي ڪتاب پرائمري سرڪاري اسڪولن ۾ پهچايا پيا وڃن. جڏهن ته ايندڙ هفتي کان سيڪنڊري اسڪولن ۾ پڻ ورهاست جو عمل شروع ڪيو ويندو. سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڪتابن جي ورهاست کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ مختلف نگران ڪميٽيون پڻ جوڙي ڇڏيون آهن. جيڪي اسڪولن ۾ وڃي ڪتابن جي موجودگي جي نگراني ڪنديون ته جيئن اهو يقيني بڻائي سگهجي ته ڪتاب صحيح وقت تي شاگردن تائين پهچي رهيا آهن. گذريل تعليمي سال جي پڄاڻيءَ تي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه جي هدايت تي سرڪاري اسڪولن ۾ بُڪ بينڪ قائم ڪيا ويا هئا. صوبائي وزير پنهنجي بيان ۾ چيو ته پهريون ڀيرو قائم ٿيندڙ انهن بُڪ بينڪس جي مدد سان اسڪولن ۾ ڪتابن جي وقت سر موجودگي کي يقيني بڻائڻ ۾ به مدد ملي سگهندي، هن چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن جي داخلا جي انگن اکرن ۽ بُڪ بينڪس ۾ موجود ڪتابن جي تناسب مطابق اسڪولن کي درسي ڪتاب مهيا ڪيا ويندا. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته "اسين هن سلسلي کي وڌيڪ بهتر بڻائينداسين، چو ته استادن جي ميرٽ تي ڀرتين سان سرڪاري اسڪولن جي ڪارڪردگي ۾ بهتري آئي آهي، جنهن سبب داخلا جي تناسب ۾ پڻ واڌارو ٿيو آهي." هن زور ڀريندي چيو ته ڪتابن جي ڇپائي ۽ ترسيل لاءِ موجود وسيلن جي استعمال سان گڏوگڏ اسان کي ٻين وسيلن ڏانهن به وڃڻو پوندو. ته جيئن وقت سر بُڪ بينڪس ذريعي به اسڪولن ۾ ڪتابن جي دستيابي ممڪن ٿي سگهي، جنهن سان محدود وسيلن مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي. آخر ۾ هن چيو ته "اسين بُڪ بينڪ جي رجحان کي وڌيڪ هٿي ڏينداسين. ۽ هر سال 50 سيڪڙو ڪتابن جي واپسي جو هدف حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

بقايا 01

جي نگراني هيٺ والدين ۽ استادن جي ميٽنگ ۽ ساليانو رزلٽ انائوسمينٽ جي تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر سليم الله سولنگي، ڪائونسلر محمد حنيف سولنگي، ڳوٺ جي معزز شخصيتن استاسد نذير احمد سولنگي سميت علائقي جي معززين سميت شاگردن جي والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين حمد، نعت، نغما تقريرون ۽ ٽيبلوز پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو ۽ جڏهن ته پوزيشن ڪندڙ شاگردن کي ميڊل، ايوارڊ سرٽيفڪيٽ ۽ انعام پڻ ڏنا ويا. ان موقعي تي معززين جو چوڻ هو ته تعليم کان سواءِ ترقي ممڪن ناهي. ڳوٺ ڳاگڙي جي سرڪاري اسڪول ۾ تعليم جو معيار تيزي سان بهتر ٿي رهيو آهي والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي هن اسڪول ۾ موڪلين. ۽ شهري ۽ والدين کي پنهنجي سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي. اميد آهي ته مستقبل ۾ هن اسڪول جا شاگرد اجان وڌيڪ محنت ڪري پنهنجي والدين ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪندا. تقريب ۾ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍايا ويا

بقايا 02

ڳوٺ ڪوڪرا پار، ملير ۾ خطرناڪ جهيڙو ٿيو، جنهن دوران بيگناهه نوجوان حمزو خاصخيلي گولي لڳڻ سبب شهيد ٿي ويو. جڏهن ته ڪيترائي ٻيا زخمي ٿيا. حمزو جو ڪنهن به جهيڙي سان ڪو واسطو نه هو. شهيد حمزو خاصخيلي جي جنازي جي نماز ۾ ملير جا سياسي ۽ سماجي اڳواڻ محمد يعقوب خاصخيلي، پاڪستان خاصخيلي دوست فورم جو باني محمد رمضان خاصخيلي، غلام نبي خاصخيلي، عارب خاصخيلي سميت ڪيترن ئي شخصيتن شرڪت ڪئي. ان واقعي ڪانپوءِ محمد يعقوب خاصخيلي ساٿين سميت جاءِ واقعي تي پهچي، صورتحال جو جائزو ورتو ۽ ٻنهي ڌرين جي ماڻهن کي پرامن رهڻ ۽ قانوني رستي سان مسئلي جي حل جي تاڪيد ڪئي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن به ڌر پاران تڪرار وڌائڻ يا قانون هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرائي ويندي. حمزو خاصخيلي جي قتل جي سخت مذمت ڪندي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن ايس ايس پي ملير ڪان مطالبو ڪيو ته قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي. شهيد جي تدفين ۾ شرڪت ڪندڙ ٻين اهم شخصيتن ۾ پاڪستان دوست فورم جو باني محمد رمضان خاصخيلي، غلام نبي، سابق وائيس چيئرمين لياقت، اختر علي، رمضان، ظاهراحمد، علي احمد، موسا چنه پڻ شامل هئا. جن به حڪومت کان انصاف جي گهر ڪئي.

بقايا 03

پارڪو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي چوڏهين ورسي اڄ ملهائي پئي وڃي. اڄ صبح جو ساڍي 9 وڳي سنڌس پٽ انجنيئر علي محمد بلوچ جي اڳواڻي ۾ سنڌس خاندان وارا رفيق احمد بلوچ، محمد شفيق بلوچ، عرض محمد بلوچ ۽ ٻيا گهر ڀاتي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چيئر سنڌ يونيورسٽي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ڄامشورو جا عملدار، سنڌس چاهيندڙ ڪندڙ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو پهچي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي آخري آرام گاهه تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهيندا ۽ فاتحه خواني ڪندا. : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 16 ڊسمبر 1917ع تي سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ جعفر خان لغاري ۾ جنم ورتو. ڪيس سنڌي ٻوليءَ سان گڏ عربي، فارسيءَ اردو، انگريزي ۽ سرائيڪي ٻولين تي عبور حاصل هو.سنڌس وڏو ڪارنامو سنڌي لوڪ ادب جي مختلف موضوعن تي 4 4 جلدن تي ٻڌل ڪتاب ۽ شاهه لطيف جي رسالي تي تحقيق جا 10 جلد شايع ڪيا. جڏهن ته جامع سنڌي لغات، سنڌي ٻوليءَ ادب، موسيقي، تاريخ جي موضوعن تي ڪم ڪيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر رهڻ سان گڏ عالمي اسلامي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر، سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جو باني چيئرمين، تعليم جو وفاقي وزير، سنڌ صوبي جو تعليم وارو نگران وزير طور خدمتون سرانجام ڏنيون. سنڌس خدمتن عيوض پاڪستان حڪومت طرفان ڪيس پرائيڊ آف پرفارمنس اعزاز ڪمال ۽ ستارا امتياز، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ سوٽو ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو. پاڻ 06 اپريل 2011ع تي وفات ڪئي، سنڌس آخري آرام گاهه سنڌ يونيورسٽي ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار جي پيراندي ۾ جڙيل آهي.

بقايا 04

ورسيءَ جي موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌي ادب جي خدمتن جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪيل ڪم ساراهڻ جوڳو آهي. خاص ڪري سنڌ جي، لوڪ ادب، تاريخ، ٻولي، موسيقي، ڪلاسيڪي شاعريءَ ۽ لطيفيات جي موضوعن تي وڏي جاکوڙ ۽ تحقيق وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو املهه خزانو متعدد ڪتابن جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهي. مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' چيو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا تيار ڪيل لوڪ ادب سلسلي جا ڪافي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب رٿاتحت تقريباً سيني موضوعن، جنهن۾ ڳجهارتون،ڳيچ،ڏور، مداحون،مناجاتون ۽سنڌي لغت (پنج جلدن) جي صورت ۾ڇپرايل آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سالن جي اڻ ٿڪ محنت سان سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان مواد سهيڙي ڪتاب تيار ڪيا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي انگريزي،سنڌي، اردو، عربي، فارسي، ۽ سرائيڪي زبانن تي عبور حاصل هو. سنڌس ڪيل جاکوڙ ۽ نچوڙيل نور کي سنڌ جو نئون نسل صدين تائين ساراهيندو رهندو. مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون سنڌي ادب تاريخ ۽ ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتون تاريخ ۾ هميشه ياد رکيون وينديون. سنڌي ادبي بورڊ پاران سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي سيني جلدن کي اردو ترجمي جي صورت ۾ ڇپرائڻ جو سلسلو هلندڙ آهي. جنهن تحت ڪجهه جلد شايع ڪيا ويا آهن ۽ٻين جلدن کي به جلد شايع ڪيو ويندو. مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' چيو آهي ته ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ جي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌس ڪيل خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا.

بقايا 05

نزد لکي غلام شاهه ۾ ٿي گذريو اجلاس ڪانپوءِ مولانا عبدالله مهر ۽مولانا محمد طيب ميڪو جي اڳواڻي ۾مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي مظاهرين چٽي نعريبازي ڪندي ڪئنال نامنظور جا نعرا هنيا. مظاهري کي مولانا عبدالله مهر، مولانا طيب ميڪو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه سنڌ واسين جو جياپو آهي هو درياهه تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي نه ڪندا جيڪڏهن وفاق ڪئنال ٺاهڻ بند نه ڪيا ته مزاحمت ڪنداسين ۽انهن شڪارپور انتظاميا کي متنبه ڪيو ته پنهنجي رٽ کي بحال ڪيو چڪ جي ڪچي ۾ غريب مسڪين هاري جيڪي پورهيو ڪري پنهنجو ۽پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالن ٿا انهن کان پتو ٿو ورتو وڃي اهي پورهيت پنهنجو تيار فصل نه ٿا ڪٽي سگهن .ان موقعي تي مولانا غلام مهر،مولانا تاج محمد مهر ،حافظ رفيق احمد شر ،رفيق احمد ڏايو ،عبدالقدوس ڪوسو ۽ٻيا ڪيترائي سوين ماڻهو موجود هئا.

بقايا 06

اينڊ سليڪشن سينٽر سکر پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب پاڪستان نيوي ۾ بطور سولين شموليت لاءِ گريڊ 5 کان 15 وارين نوڪرين ۾ ڀرتي جو اعلان ڪيو ويو آهي، پاڪستان جي شهريت رکندڙ خواهشمند اميدوارن کي صلاح ڏني وئي آهي ته هو ان بابت پاڪستان نيوي ريڪروٽمنٽ اينڊ سليڪشن سينٽر بکر آئي لينڊ سکر سينٽر سان وڌيڪ معلومات لاءِ رابطي ۾ اچن يا پاڪستان نيوي جي ويب سائيٽ www.joinpaknavy.gov.pk تي آن لائن رجسٽريشن ڪرائين. اعلان موجب رجسٽريشن 13 اپريل 2025ع تائين جاري رهندي.

بقايا 07

عبدالرشيد لاشاري جو پاٽيجو ايريگيشن جو سينئر سروئير بشير احمد لاشاري اوچتو بيماري سبب رضا الاهي سان وفات ڪري ويو آهي جنهن جي جنازي جي ڳوٺ عطا محمد لاشاري ۾ ادا ڪئي وئي جنازي جي نماز ۾ سياسي سماجي ماڻهن سميت گهڻي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي مرحوم کي آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي وارثن سان عذرخواهي جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 08

مفتي اعظم سنڌ، مفتي محمد عبدالله نعيمي قادري شهيد جو 44 هون ساليانو عرس مبارڪ ۽ 50 هين گولڊن جوبلي عظيم الشان جلسه دستار فضلت دارالعلوم مجدد نعيم ملير ڪراچي ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت سنڌ جي صوبائي صدر مفتي محمد جان نعيمي جي صدارت هيٺ ٿي رهيو آهي، هن عظيم الشان جلسي عرس و دستار فضلت ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان عاشقان رسول وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري رهيا آهن. انهي سلسلي ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت سنڌ جي ترجمان مفتي حبيب الله نعيمي ٻڌايو ته ان شاءَ 9 اپريل اربع ڏهاڙي تي ڪراچي جي دارالعلوم مجدد نعم ۾ ولي ڪامل ولايت بزرگ هستي حضرت محمد عبدالله نعيمي قادري شهيد رحمت الله عليه جو 44 هون ساليانو عرس مبارڪ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو.

بقايا 09

پاران 7 اپريل سومر جي ڏينهن اينگرو تي چوڪ کان پريس ڪلب ڏهرڪي تائين احتجاجي ريلي ڪڍڻ جو اعلان وڪلا تنظيمن شهرين، مزدورن، هارين شاگردن ۽ هر طبقي جي ماڻهن کي ان ريلي ۾ شرڪت جي دعوت ڪينالن ڪڍڻ وارو فيصلو فوري طور واپس وٺڻ جو مطالبو ڇهه (6) نوان ڪينال ڪڍڻ سان نه رڳو سنڌ پر پنجاب کي به نقصان ٿيندو. پاڻي جي کوٽ جو اثر صرف ڪسانن تائين محدود ناهي رهندو بلڪ فرٽيلائيزر ڪمپنيون ۽ ڪپهه جون فيڪٽريون پڻ شديد نقصان جو شڪار ٿينديون. چاڪاڻ ته انهن صنعتن جو دارومدار سنڌو جي پاڻي تي آهي. جيڪڏهن سنڌ جي پاڻي جو صحيح استعمال نه ٿيو ته نه صرف زرعي پيداوار متاثر ٿيندي پر انهن صنعتن جي پيداوار پڻ متاثر ٿيندي، جنهن سان معيشت تي منفي اثر پوندا. جيستائين هي منصوبو ختم نه ڪيو ويندو، احتجاج جاري رهندو وطن دوست مزدور فيڊريشن پاڪستان جي مرڪزي ۽ صوبائي عهديدارن جو اجلاس جمشيد هائوس ميرپور ماٿيلو ۾ مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ جمشيد احمد فيض جي صدارت هيٺ منعقدڪيو ويو اجلاس ۾ ايڊووڪيٽ جمشيد احمد فيض، عبدالحق ڪتيان، لکمير فقير مهر، غلام سرور عباسي، رانجهن سميجو، محمد صادق لغاري، وزير احمد لکڻ، فيروز احمد لکڻ، موج علي سميجو، الله ڏنو مهر، مشتاق احمد سميجو، محمد هاشم لکڻ، شوڪت اعوان، عبدالمجيد سميجو، عبدالغفور آرائين، عبدالرشيد عارباڻي، محمد حليم، عبدالرحيم مهر، علي نواز عارباڻي، قائم الدين پتافي، محمد صديق گرگيج، خادم حسين پٽو، جهان خان شر، لطف علي چڇڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 10

۾ هلندڙ پراڻو خوني تڪرار تان جهيڙو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو . جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين جي ماڻهن جي هڪٻئي مٿان فائيرنگ ۾ هڪ ڌر جو نوجوان 20 ويهن سالن جو ڏنار ظهير پٽ ڏاڏو اوڳاهي مارجي ويو. جڏهن ته جوابدار ڌر فائرنگ ڪندا ڪچي طرف فرار ٿي ويا. حد جي پوليس واقعي واري هنڌ ڪونه پهتي فوتي نينگر جا وارث ڏوهارين جي ڀيري پويان هٿيار ڪٽي روانا ٿي ويا آهن فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي گهرام مچي ويو جهيڙو شيرو اوڳاهي ۽ شبير اوڳاهي جي ڌر ۾ هلندڙ هيو جنهن ۾ هڪ ماڻهو اڳ ۾ شبير اوڳاهي جي ڌر جو مارجي چڪو هيو ڳوٺ ۾ چٽوبول آهي ته واقعو پلانڊ ۾ ڪيو ويو آهي.

بقايا 11

ورڪشاپ جامعه اسلاميه اشاعت القرآن والحديث دودائي روڊ تي ڪوٺايو ويو. ورڪشاپ جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ، حمد ۽ نعت سان ٿي جنهن کان پوءِ جي يو آءِ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مولانا راشد خالد محمود سومرو، مولانا اظهار الحق صديقي، مولانا محبت علي کهڙو، مولانا طاهر خالد محمود سومرو، مولانا عبدالمجيب قريشي، مولانا سراج احمد امروٽي، مولانا عبدالله لغاري، مولانا محمد ادريس سومرو، انجنيئر عبدالرزاق لاڪو، مولانا مير محمد ميرڪ، مولانا عبدالله احمد هالا، مولانا طاهر خالد محمود سومرو، مولانا محمد الياس چنه، مولانا جمال مصطفيٰ تونيو ۽ ٻين عالمن علماءِ سنڌ جي تاريخ، تحريڪ آزادي ۾ عالم دين جي ڪردار، خلفاءِ راشدين جي دور، بين الاقوامي ملڪي ۽ علائقي سياسي صورتحال سميت ٻين موضوعن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ورڪشاپ کي خطاب ڪندي مولانا راشد خالد محمود سومرو، مولانا ناصر خالد محمود سومرو ۽ ٻين چيو ته حڪومتي پاليسين امن امان تباهه ڪري ڇڏيو ۽ عوام کي ننڌٽڪو ڇڏيو ويو آهي، خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان هٿن مان نڪري رهيا آهن. هنن چيو ته سنڌو درياهه تي تڪراري ڪئنال منصوبي سان سنڌ واسي سراپا احتجاج آهن ۽ هر هنڌ ڌرڻا ۽ احتجاج ڪري ڪينال نامنظور جا نعرا لڳائي حڪومت وقت کان ڪئنال منصوبو واپس وٺڻ جي اپيل ڪري رهيا آهن پر حڪومت اگهور ننڊ ستل آهي ان لاءِ سنڌ ۾ اهڙيون حالتون نه ڪيون وڃن جو سنڌ جا ماڻهو باغي بڻجي وڃن. هنن چيو ته قيام پاڪستان کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جميعت علماءِ اسلام ملڪي سياست ۾ هڪ اهم ۽ سڀ کان وڏي سياسي جماعت طور ملڪي سياست ۾ مثبت ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

بقايا 12

علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان سوين نوجوانن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي مارچ ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي درياهه مان ڪئنال نامنظور، وفاق ۽ پنجاب خلاف سخت نعري بازي ڪندي چيو ته سنڌو درياهه تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي سنڌو درياهه 6 ڪروڙ سنڌين جو جياپو آهي سنڌ کي بنجر ۽ سنڌين کي تباهه ٿيڻ نه ڏينداسين هر محاذ تي تڪراري ڪئنالن خلاف جنگ جاري رهندي هنن چيو ته پ پ پ ۽ وفاق جي ڳٺ جوڙ آهي سنڌ جي عوام کي پنهنجي جياپي لاءِ پاڻ روڊن تي نڪرڻو پوندو هنن چيو ته چولستان جي لکين ايڪڙ بنجر زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي سرسبز زمين کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي سنڌ جي وسيلن تي قبضا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس نه ورتو ويو ته احتجاجن جي شدت اچا وڌندي

بقايا 13

جاڻن چن يادگار ڪميٽي جي سڏ تي فقير، فقراءُ، شاعر، اديب، سياسي، سماجي، واپاري تنظيمن جا ڪارڪن، ننڍڙا ٻارڙا، ٻارڙيون ۽ عورتون بہ سون جي تعداد ۾ روڊن تي نڪري آيا. صوفي جاڻن چن يادگار ڪميٽي جي سڏ تي جونيئر جاڻن چن، بلقيس چنا، نجي چنا ، رياض قلپوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ تونارئ پاڙي کان آرٽر واهه جي پل تائين تڪراري ڪئنالن خلاف سوين ماڻهن جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي، پ پ شهيد ڀٽو،ايس يو پي، عوامي تحريڪ، قومي عوامي تحريڪ، جسقم، ڪمنان، سنڌي ادبي سنگت سميت مختلف مڪتب فڪر جي اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪري تڪراري ڪئنالن خلاف سخت نعريبازي ڪئي، ريلي آرٽرواهه جي پل تي پهتي جتي خطاب ڪندي جونيئر جاڻن چن، سرتاج چانڊيو، ننگر چنا،عنايت تنيو، هاري اڳواڻ مصطفيٰ چانڊيو، محرم چانڊيو رسول بخش ڪوسو ۽ ٻين چيو ته سنڌ دشمن تڪراري ڪئنالن کي پوري سنڌ وانگر نصيرآباد جو عوام به رد ڪري چڪو آهي، بضد حڪمران سر سبز ۽ شاداب سنڌ کي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي بنجر بڻائي 7 ڪروڙ سنڌين لاءِ موت جو پروانو جاري ڪري رهيو آهي، پرنا سمجه حڪمرانن کي ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ جا ماڻهو موت قبوليندا پر سنڌو درياهه مٿان ڌاڙو قبول نه ڪندا. هنن مطالبو ڪيو ته تڪراري ڪئنالن واري رٿا کي بنا دير رد ڪرڻ جو اعلان ڪيو وڃي.

بقايا 14

پاران ڊگري ڪاليج باءِ پاس کان گهنٽا گهر چوڪ تائين مشعل بردار ريلي سوين ماڻهن جي شرڪت خبر موجب ميهڙ ستي ۾ مختلف تنظيمن ۽ سياسي اڳواڻ نياز ٻرڙو. عابد ڪلهوڙو ايڊووڪيٽ ـ منور جتوئي ايڊووڪيٽ ـ محمد علي ڪانڌڙو ايڊووڪيٽ . ايس يو پي سڪندر سوڍر ۽ سول سوسائٽي جي سوين ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ڪينالن خلاف سخت نعريبازي ڪري گهنٽاگهر چونڪ تي خطاب ڪيو هنن خطاب ڪندي چيو ته سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ وارو عمل غير آئيني ۽ غير قانوني آهي سنڌ ۾ اڳ ئي پاڻي جي کوٽ آهي ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ بنجر بڻجي ويندي، هنن گهر ڪئي ته سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس وٺي ڪارپوريٽ فارمنگ نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ بند ڪيون وڃن بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو تيز ڪيو ويندو.

بقايا 15

جي مقامي اڳواڻن اڳواڻ شيراز ڏيٿو . ايڊووڪيٽ گلزار خاصخيلي . شڪور ناز خاصخيلي. جسقم اڳواڻ ذوالفقار ڏيٿو . عبدالرئوف چانگ جي اڳواڻي ۾ شهرين شاندار استقبال ڪيو ويو مٽياري ٻاهران نصرپور چوڪ تي پي ٽي آئي پاران استقباليه ڪئمپ قائم ڪئي وئي هئي جتي وڏي انگ ۾ پي ٽي آئي ڪارڪنن پاران مارچ جو گلن جي ورکا سان استقبال ڪيو ويو مٽياري ۾ وڪ وڪ تي بيداري مارچ جو گلن جي ورکا سان استقبال ڪيو ويو مٽياري پريس ڪلب اڳيان مارچ کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه. صفدر عباسي. روشن ٻرڙو. حليم عادل شيخ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پ پ اقتدار خاطر سنڌ جو ودو ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن اهي سنڌ سان سچا آهن ته صدر آصف زرداري ڏنل منظوري واپس وٺي. سنڌ جو عوام پ پ جي دوڪيبازي ۾ نه ايندو ۽ درياهه بچائڻ لاءِ ٻاهر نڪري چڪو آهي. هن چيو ته سنڌي ماڻهو سمجهن ٿا ڪينال ڪڍي سرسبز سنڌ ۾ سڪائڻ ۾ پ پ به شامل آهي، جيڪڏهن ائين ناهي ته انهن کي اقتدار ڇڏي چٽو موقف رکڻو پوندو ۽ عوام سان گڏ بيهڻو پوندو. سنڌ جي عوام ڪئنالن کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو آهي ڪئنالن خلاف سنڌ جي واهڻ واهڻ وستي وستي ۾ ماروئڙا سراپا احتجاج آهن تڪراري ڪئنالن واري رٿا کي ختم نه ڪيو ويو ته تحريڪ اجان وڌيڪ تيز ٿيندي ائين نه ٿئي ته سنڌ جي ماروئڙن جو اهو احتجاج اوهان جي محلن کي لوڙهي وڃي ان ڪري هوش کان ڪم وٺو سنڌين جي هن ڪروڙ کي چئن قومپرستن جو احتجاج نه سمجهو پر اهو 6 ڪروڙ سنڌين جو اجتماعي احتجاج آهي اڳواڻن جو چوڻ هو ته حڪمرانن پنهنجي مفادن لاءِ ۽ پنهنجون چوريون لڪائڻ لاءِ تڪراري پيڪا قانون جهڙا ڪارا قانون منظور ڪرايا صحافين توڙي سوشل ورڪرن جي قلم کي قابو ڪرڻ لاءِ پيڪا قانون جهڙا قانون آندا ويا اڳواڻن جو چوڻ هو ته درياءُ بچايو ڪميٽي ايستائين پنهنجو احتجاج جاري رکندي جيستائين ڪئنالن جي رٿا کي رد نه ڪيو وڃي.

بقايا 16

صوبائي وزير جام خان شورو پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظمي بخاري جي پريس ڪانفرنس تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته اسين ڪينالن جي معاملي تي ڪا سياست نٿا ڪريون، سنڌ جي عوام ۽ پيپلز پارٽي جو هڪ ئي موقف آهي ته تڪراري ڪينال منظور ناهن، تڪراري ڪينالن خلاف سنڌ جو عوام سراپا احتجاج آهي ۽ توهان کي اهو احتجاج سياست لڳي رهيو آهي؟ جام خان شورو پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ وڌيڪ چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري حڪومت کي پيغام ڏنو آهي ته جيڪڏهن فيصلو واپس نه ورتو ويو ته ڪينالن جي معاملي تي اسين عوام سان گڏ بيٺا رهنداسين پر شهباز شريف سان ڪڏهن به نه. عظمي بخاري کي پاڻي جي معاملي جو الف ب تائين پتو ناهي، ن ليگ تڪراري ڪينالن جي ترجماني ڪرڻ بدران ان منصوبي کي هميشه لاءِ ختم ڪري. آبپاشي کاتي واري صوبائي وزير چيو ته سنڌ ۾ زراعت سميت پيئڻ جو پاڻي موجود ناهي، زمينون بنجر، هاري پريشان آهن. مال پياسو آهي. ان ڪري وزيراعظم شهباز شريف کي گهرجي ته هو تڪراري ڪينال منظور نه ڪرڻ جو اعلان ڪري. جام خان شورو ن ليگ کي خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن وزيراعظم تڪراري ڪينال منصوبو ختم نه ڪندو ته پوءِ پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺي رهندي، ڪينالن جي معاملي تي ڪنهن به حد تائين ويندا سين ۽ ان منصوبي کي ختم ڪرائينداسين. سنڌ جي آبپاشي نظام جو انحصار سنڌو درياهه تي آهي. هن وقت زراعت سان گڏ پيئڻ جو پاڻي موجود ناهي. جام خان شورو چيو ته سنڌ جي عوام ۽ پيپلز پارٽي جو هڪ ئي مطالبو آهي ته سنڌودرياءَ تي تڪراري ڪينالن جو منصوبو منظور ناهي، وفاق سي سي آءِ جو اجلاس جلد طلب ڪري ۽ ڪينالن جو منصوبو هميشه لاءِ دفن ڪري.

بقايا 17

شيڊيول جاري نه ڪيو ويندو. جڏهن ته وفد جي ملاقاتن بابت ڄاڻ لاڳاپيل کاتن کي رڳو فون ذريعي ڏني ويندي. ياد رهي ته آءِ ايم ايف جو وفد گذريل ڏينهن پاڪستان پهتو هو، جيڪو ملڪ ۾ گورننس ۽ ڪرپشن بابت جائزو وٺڻ لاءِ پاڪستاني اختيارين سان ڳالهيون ڪندو. ذريعن موجب، آءِ ايم ايف وفد مالي سال 2025_26 لاءِ بجيٽ تجويزن جو جائزو وٺندو ۽ گورننس بابت فني سهڪار جي حوالي سان پاڪستاني اختيارين سان فالو اپ ڳالهين ۾ حصو وٺندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته وفد ايندڙ مالي سال لاءِ ٽيڪس آمدني وڌائڻ، خرچن تي ڪنٽرول ۽ بجيٽ جي حتمي شڪل ڏيڻ بابت پاڪستاني اختيارين سان گڏجي تجويزون تيار ڪندو.

بقايا 18

دوران هڪ ئي خاندان جي 3 ڄڻن سميت 4 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 5 زخمي ٿي پيا. رپورٽ موجب ٻتگرام جي ڏوراهين علائقي ڇهم سيدان نگري ۾ زميني تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن سبب 4 ڄڻا مارجي ويا جنهن ۾ هڪ ئي خاندان جا 3 ڄڻا شامل آهن جڏهن ته 5 زخمي ٿي پيا آهن جن کي طبي امداد جي لاءِ ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال ٻتگرام آندو ويو جتي سخت زخمين کي ايوب ميڊيڪل ڪمپليڪس ايبٽ آباد منتقل ڪيو ويو. جهيڙي دوران هڪ ئي خاندان جا شهزاد باجي، ان جو پٽ ضياءُالله شاهه ۽ ڀاءِ مضرب شاهه جڏهن ته مخالف ڌر مان انور علي شاهه مارجي ويا. واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال آهي، پوليس جي وڏي نفري پهچي وئي آهي. واقعي جي اطلاع ملندي ئي ماڻهن جو وڏو هجوم ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال پهچي ويو، هينئر تائين واقعي جي ايف آءِ آر داخل ناهي ڪئي وئي، جڏهن ته پوليس جاچ ۾ مصروف آهي.

بقايا 19

ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن پرسان مسافر ٽرين علامه اقبال ايڪسپريس جو هڪ ڳاڏو پٽڙيءَ تان لهي ويو پر حادثي ۾ سمورا مسافر محفوظ رهيا. حادثي سبب ريلوي اختيارين حيدرآباد کان ڪوٽڙي ويندڙ ٽرينن کي حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي روڪي ڇڏيو ۽ عملي متاثر ٽرين جي ڳاڏي کي پٽڙيءَ تي آڻڻ ۽ ٽريڪ جي بحاليءَ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو.

بقايا 20

قتل ۽ ديوٽي اتڪاءُ واري ڪيس مان باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي ياد رهي ته ڏهرڪي پوليس قاضي احمد سان تعلق رکندڙ اڳوٽي صوبائي صلاحڪار محمد اسماعيل ڏاهري کي ڏهرڪي پوليس ديوٽي اتڪاءُ ۽ پوليس مقابلي ۾نامزد ڪري پراڻي ڪيس ۾ نالو ڪوليو هو جنهن بعد ايڊيشنل سيشن جج ڏهرڪي پرديپ ڪمار جي عدالت سرڪاري وڪيل ۽ جوبدار ڌر جي وڪيل جا دليل ٻڌڻ بعد ڪيس ۾ محمد اسماعيل ڏاهري خلاف شاهدين نه ملڻ تي ڪيس شڪ جي بنياد ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو آهي جوبدار محمد اسماعيل ڏاهري مختلف ڪيسن ۾ لاڙڪاڻو جيل ۾ قيد آهي جڏهن ته جوابدارن محمد اسماعيل ڏاهري مٿان سرڪار پاران فرياد تي ڏهرڪي ٿاڻي تي ڏوهه نمبر 282 سال 2024 تحت اراده قتل ۽ پوليس سان ديوٽي اتڪاءُ جو ڪيس داخل ٿيل هو جنهن جو ڪيس ڏهرڪي جي سيشن جج جي عدالت ۾ هلندڙ هو ۽ عدالت سرڪاري وڪيل ۽ جوبدار ڌر جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد پنهنجو فيصلو محفوظ ڪيو هو جيڪو اڄ ٻڌايو ويو آهي.

بقايا 21

پر ان کي اجازت نه ڏني ويندي. صوبائي حڪومت جي ترجمان شاهد رند ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سردار اختر مينگل سان حڪومت ڪميٽي به ڳالهيون ڪيون ۽ حڪومت بي اين پي کي سرياب روڊ تي احتجاج لاءِ جاءِ جي آڇ ڪئي، پر بي اين پي ريڊ زون ۾ احتجاج ڪرڻ چاهي ٿي، جنهن جي اجازت نه ڏني ويندي. شاهد رند جو چوڻ هو ته بي اين پي ڪوئيٽا ڏانهن لانگ مارچ جو اعلان ڪري چڪي آهي ۽ قلم 144 لاڳو آهي، جيڪڏهن ڀڃڪڙي ڪئي وئي ته قانون حرڪت ۾ ايندو.هن چيو ته صوبائي حڪومت صبر ۽ برداشت جو مظاهرو ڪري رهي آهي ۽ ڳالهين ذريعي معاملي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪڏهن اختر مينگل ضد نه ڇڏيو ته حڪومت وٽ ٻيا آپشنز موجود آهن. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ سردار اختر مينگل جي قيادت ۾ بي اين پي جو لانگ مارچ وڊ کان شروع ٿيو پر مستونگ وٽ رستو بند هئڻ سبب اتي ئي ڌرڻو هنيو ويو جيڪو اڄ نائين ڏينهن به جاري آهي.

بقايا 22

خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي. هڪ ڌاڙي سميت چار ٻيا ڏوهاري ماڻهون گرفتار ڪيا ويا، هڪ غير قانوني پستول ۽ هڪ چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي، موٽرسائيڪل مالڪ جي حوالي ڪئي وئي رستم پوليس جو گشت دوران رستم چڪ روڊ تي ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين سان مقابلو، هڪ ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار، غير قانوني پستول هٿ جڏهن ته ٻيا ساٿي فرار رفتار ٿيل جوابدار جي سڃاڻپ رميز ولد واحد بخش عرف واڏل جتوئي جي نالي سان ٿي آهي. رفتار ٿيل ڏوهاري جو مجرمانه رڪارڊ جي جاچ ڪئي پئي وڃي. پوليس مقابلي ۽ هٿيار هٿ ٿيڻ جو الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي اپرڪوٽ پوليس اسنيپ چيڪنگ جي دوران، قتل جي ڪوشش، قتل ۽ پوليس مقابلي جي ڇهن ڪيسن ۾ هڪ اشتهاري ڏوهاري کي گرفتار ڪري ورتو آهي. رفتار اشتهاري ڏوهاري امان الله ولد حبيب جعفري عادي ڏوهه ڪندڙ آهي.

بقايا 23

جي فرياد تي 7 جاتل ۽ 57 کان 58 اڻجاتل ماڻهن خلاف روڊ بلاڪ ڪرڻ، هنگامو ڪرڻ، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي تي ويندڙ جيالن جي رستا روڪ ڪرڻ، گاڏين جا شيشا ٽوڙڻ واري ايف آئي آر داخل ڪئي وئي، ايف آئي آر ۾ جيئي سنڌ محاذ اڳواڻ حيدر چوليائي، اصغر جمالي، زاهد چنا، عمران چانڊيو، سعيد ٽيوٽو عرفان سمون ۽ عابد جمالي سميت 57 / 58 نامعلوم ماڻهن کي نامزد ڪيو ويو، ڪيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته لمس يونيورسٽي جي مک گيٽ آڏو ماڻهن روڊ بلاڪ ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي تي ويندڙ گاڏين کي روڪي انهن تي پٿراءُ ڪيو، اسان روڊ بند ڪندڙن جو پيڇو ڪيوسين ته هو اتان فرار ٿي ويا، بعد ۾ اسان معطل ٿيل ٽرئفڪ کي بحال ڪرايوسين ۽ اسان بالا آفيسرن کي اهڙي رپورٽ ڪئي سين بعد ۾ انهن جي حڪمن پهچي ڪيس داخل ڪرايو آهي.

بقايا 24

ايڊووڪيٽ گلزار علي عالماڻي کي ساڻ ڪري دادو مورو پل سنڌو درياهه پهچي سنڌو درياهه سان محبت جو اظهار ڪري ڪنوار جي رخصتي سنڌو درياهه کان ڪرائي ان موقعي تي سنڌ ۽ سنڌو درياهه لاءِ دعائون گهريون ويون سيني گڏجي سنڌو درياهه مان 6 ڪينال ڪڍڻ خلاف احتجاج ڪيو سنڌو درياهه تي ڌاڙو نامنظور نه کپن نه کپن ڪينال نه کپن جا نعره هنيا ويا ان موقعي تي گهوٽ ڪنوار چيو ته سنڌو درياهه اسان سنڌ ۽ سنڌي قوم جي جياپي جو ذريعو آهي جنهن کان سواءِ اسان ڪجهه نه آهيون سنڌو درياهه مان ڪينال ٺاهڻ نه ڏينداسين سنڌو درياهه ڌرتي ڌڻين جي ملڪيت آهي هن چيو ته سنڌو درياهه سان ڪير به ڇيڙ چاڙ نه ڪري جيڪو ڪندو ان سان مزاحمت ڪنداسين

بقايا 25

ڌرڻو ڌرتي ۾ آبادگارن مزدورن واپارين شهرين شاگردن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي ۽ نعريبازي ڪئي احتجاج ۾ شامل ماڻهون نتهڻ اس ۾ روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون جا زور دار نعرا هنيا زاهد خان رند اعظم خان رند يعقوب سٽيو علي ڏنو رند شهڪ خان رند اي بي رند رضوان ملاح ۽ ٻين اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌو تي ڪو به ڪئنال ٺهڻ نه ڏينداسين جيڪڏهن سنڌو مان ڪئنال ڪڍيا ويا ته اسان سنڌ ۽ پنجاب جا رستا بند ڪنداسين هنن وڌيڪ چيو ته سنڌو درياءُ اسان جو ۽ اسان جي ٻچن جو جياپو آهي اگر سنڌو مان ڪئنال ڪڍيا ويا ته سنڌ پوري بنجر بڻجي ويندي زمينون آباد ڪرڻ پري جي ڳالهه آهي پر اسان جا مال جانور پکي پکڻ هر جاندار شيءِ متاثر ٿيندي جيڪڏهن سنڌ۾ زراعت تباهه ٿي سمجهو پوري سنڌ ختم ٿي ويندي هي هاري زميندار دڪاندار مزدور جو جياپو زراعت آهي ۽زراعت پاڻي تي آهي پاڻي نه ٿيو سنڌ ۾ ڪجهه به نه رهندو اسان پنهنجي جان ته ڏئي ٿا سگهون مگر سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين پنهنجي ٻچن جو مستقل تباهه ٿيڻ نه ڏينداسين

بقايا 26

ڪورائي تي تشدد جو ڪيس ثابت ٿيڻ تي جوابدار سعيد احمد ڪورائي کي چار مهينا سزا ۽ 30 هزار روپيه نجمه ڪورائي کي هرجاڻو ڀري ڏيندو جوابدار هن ڪيس ۾ ضمانت تي هو فيصلو ٻڌائڻ وقت عدالت ۾ موجود هو جنهن کي هٿڪڙيون هڻائي پوليس حوالي ڪري ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز موڪلي ڇڏيو ياد رهي ته ڪجهه عرصو اڳ سونهري فارم واري علائقي ۾ پلاٽ جي معاملي تان جهيڙو ٿيو هو جنهن ۾ مذڪوره جوابدار مسمات نجمه ڪورائي تي تشدد ڪيو هو اهڙو ڪيس مسمات نجمه قمرالدين ٿاڻي تي داخل ڪرايو هو عدالت غريب عورت سان انصاف ڪندي اهڙو فيصلو ٻڌايو

بقايا 27

جي سربراهه عمر افغاني طرفان صحافي کي موت مار ۽ اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ملڻ تي صحافي سميع خان صحافين کي ڏانهيندي چيو آهي ته مون ڪجه عرصو اڳ عمر افغاني جي خلاف ڪيل قبضن جي ثبوتن سان خبرون هلايون جنهن تي عمر افغاني مون تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو جيڪو عدالت سڳوري ۾ هلي رهيو آهي هلندڙ ڪيس جا ثبوت عمر افغاني وٽ نه آهن جنهن تي مونکي موت جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته عمر افغاني ايم ڊي اي جي ملي ڀڳت سان مختلف پلاٽن تي قبضن سميت ٻيا غير قانوني ڪم ڪري رهيو آهي هن گهرو وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آئي جي ايسٽ ۽ ضلع مليرجي ايس ايس پي کي اپيل ڪندي چيو ته عمر افغاني خلاف جاچ ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 28

منصور سان مبينا ٻن سڳن ڀائرن طالب ۽ سالڪ خاصخيلي پاران مبينا زيادتي ڪئي وئي آهي زيادتي بعد معصوم نينگر کي مبينا طور رسن سان ٻڌي فصل ۾ اڇلائي جوابدار فرار ٿي ويا جنهن بعد نينگر مڙسي ڪري ٻڌل رسا کولي آزاد ٿي گهر پهچي پنهنجي والد کي اها سموري حقيقت بيان ڪيي، زيادتي جي شڪار ٿيل معصوم نينگر کي سمس اسپتال شهدادپور آندو ويو جتي چڪاس لاءِ سنڌس جزا ورتا پيا وڃن، ٻي پاسي شهدادپور پوليس اهڙي واقعي جي رپورٽ داخل ڪري جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس پارٽي طرفان ڇاپا هنيا پيا وڃن، ۽ جوابدار فرار ٿي وڃڻ سبب گرفتار ناهن ٿي سگهيا.

بقايا 29

سکر ويندڙ مسافر وين ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڊرائيور جي ڪنٽرو مان نڪري اونڌي ٿي پئي. حادثي ۾ 8 عورتن سميت 17 مسافر زخمي ٿي پيا، جن ۾ دلشان خاتون، باسط علي، اسما، بابر علي، عاجز، شيرو، همير، ڪلثوم، ناديا، پرويز، صدام ۽ ٻيا شامل آهن. اطلاع تي ريسڪيو عملي، پوليس ۽ ڳوٺاڻن پهچي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو جتان 5 مسافرن جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين نواب شاهه ريفر ڪيو ويو.

بقايا 30

ته ٿل ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران سنڌوءَ تي اڏجندڙ سمورن غير قانوني ڪئنال ناهڻ خلاف احتجاجي ريلي ۾ ايس يو پي ڊويزن اڳواڻ جمال جوش ٻرڙو ۽ ٻين ڪارڪنن مٿان حڪمران جماعت جي بدمعاش ماڻهن طرفان ڪيل حملو سرعام گندا گردي آهي، اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، سياست هر ڪنهن جو جمهوري حق آهي پر هتي سرڪاري ڌر پيپلزپارٽي ۽ ان جا گندا سنڌ ۾ ڪينالن واري اشو تي جدوجهد ڪندڙ سياسي ڪارڪنن تي حملا ڪرائي، سنڌ ۾ خانا جنگي ڪرائڻ جي سازش ڪرڻ چاهن ٿا، ۽ اهو ئي سبب جو سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي جنهن جو سبب پيپلزپارٽي جي خراب حڪمراني رهي آهي ۽ تنهنڪري ئي بدمعاش ماڻهو زور شور سان گندا گردي ڪري رهيا آهن. اسين پ پ قيادت ۽ اعلا عملدارن کي چتاءُ ڏيون ٿا ته سري عام گندا گردي ڪندڙ بدمعاش ماڻهن کان سخت پڇاڻو ڪري ردعمل ڏنو وڃي، ۽ اهڙن بدمعاش ماڻهن کي لغام ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ اسان جا دوست اڪيلا ناهن سموري سنڌ انهن سان گڏ آهي ۽ اسين ساٿين جو تحفظ ڪرڻ ڄاڻون ٿا.

بقايا 31

بابت ڪيس تي ٻڌڻي ڪئي، جيل عملدارن جوابدار ساحر حسن کي عدالت ۾ پيش ڪيو. عدالت جاچ آفيسر جي پيش نه ٿيڻ ڪري ٻڌڻي 9 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي حتمي چالان پيش ڪرڻ جو حڪم به ڏنو آهي. عدالت ڪيس جي عبوري چالان تي پراسيڪيوشن جي اعتراض کان پوءِ چالان پوليس کي واپس ڪري ڇڏيو. جوابدار ساحر حسن عدالتي رماند تي جيل ۾ آهي.

بقايا 32

جوابدار ڪارنهن الزام هيٺ پنهنجي گهرواري، ڀيڻ ۽ هڪ نوجوان کي قتل ڪيو. پوليس موجب لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جوابدار ڪانهن الزام هيٺ قتل ڪيا ۽ فرار ٿي ويو.

بقايا 33

ڪرم الا چانڊيو والد مختيار چانڊيو، چاچي قابل چانڊيو جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائيل ڪورٽ جي جج حسن علي ڪلوڙ جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي، الزام هيٺ آيل پ پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ۽ برهان خان چانڊيو ڌر جا وڪيل نه پهچڻ سبب عدالت ٻڌڻي 19 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي، ڪيس جو فريادي پرويز چانڊيو ۽ ام رباب چانڊيو عدالت پهتا، الزام هيٺ آيل پ پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو، برهان خان چانڊيو، ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو، جوابدار ستار چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا، گرفتار جوابدار ذوالفقار، علي گوهر، مرتضيٰ، سڪندر چانڊيو کي جيل پوليس عدالت ۾ پيش ڪيو. عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ام رباب چانڊيو جو چوڻ هو ته 8 سالن ۾ ٽرائيل ڪورٽ مان فيصلو نه اچي سگهيو آهي جيڪو عدالتي نظام تي سواليه نشان آهي هن چيو ته سردارن جي ڪري اڄ به ڪيس نه هلي سگهيو آهي سردار ٽڪائڻ جي ڪوششون ڪري رهيا آهن ظالم جي سامهون ڪڏهن به نه جهڪندس.

بقايا 34

ٽيسوري چيو آهي ته هو شهر ۾ ٽرئفڪ حادثن جي متاثر ماڻهن کي 12 اپريل 2025 تي گورنر هائوس اچڻ جي دعوت ڏئي ٿو اسان متاثر ماڻهن کي 80 گز جا پلاٽ فراهم ڪنداسين ۽ انهن سان گڏ مستقبل جي ايڪشن پلان تيار ڪرڻ لاءِ ڪم ڪنداسين. اهڙن خيالن جو اظهار هن سرجاني جي علائقي يوسف ڳوٺ ۾ ٽريفڪ حادثي جو شڪار ٿيل نذر عباس جي گهر تعزيت ڪرڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. سنڌ جي گورنر متاثر خاندان کي انصاف جو يقين ڏياريو ۽ متاثر کي 80 گز جو پلاٽ ڏنو جڏهن ته متاثر جي ٻارن جي تعليمي خرچن ۽ ماهوار وظيفو جو اعلان ڪيو. ياد رهي ته نذر عباس هڪ ٽرئفڪ حادثي ۾ معذور ٿي ويو هو جڏهن ته سنڌس زال فوت ٿي وئي هئي. سنڌ جي گورنر وڌيڪ چيو ته يوسف ڳوٺ انفراسٽرڪچر، بجلي، گئس ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهي. يوسف ڳوٺ سڀ ظلم برداشت ڪيا پر همت نه هاري.

بقايا 35

پوليس موجب مقتول ابرار جي 6 اپريل تي شادي رٿيل هئي پر سنڌس مڱيندي راضي نه هئي ۽ هن پنهنجي محبوب جي مدد سان نوجوان کي قتل ڪرائي ڇڏيو. پوليس ٻڌايو ته قتل ۾ ملوث عورت ۽ سنڌس محبوب ٻنهي کي گرفتار ڪيو ويو آهي، مقتول جو لاش 27 مارچ تي حيات آباد مان هٿ آيو هو.

بقايا 36

پوليس موجب مقتول ابرار جي 6 اپريل تي شادي رٿيل هئي پر سنڌس مڱيندي راضي نه هئي ۽ هن پنهنجي محبوب جي مدد سان نوجوان کي قتل ڪرائي ڇڏيو. پوليس ٻڌايو ته قتل ۾ ملوث عورت ۽ سنڌس محبوب ٻنهي کي گرفتار ڪيو ويو آهي، مقتول جو لاش 27 مارچ تي حيات آباد مان هٿ آيو هو.

بقايا 37

سان ڳالهائيندي صدر ٽرمپ چيو ته ايران سان سڌي ريت ڳالهيون ڪرڻ ۾ بهتري آهي، ڇو ته اِهو تيز ترين عمل آهي ۽ ٻي ڌر کي سمجهڻ جو موقعو ملندو. صدر ٽرمپ چيو ته ايران ٿياڪڙي ڪرائيندڙن کي استعمال ڪرڻ چاهي پيو پر شايد هاڻي ائين نه ٿئي، ايران سڌي ريت ڳالهين تي راضي ٿي ويندو. ٻئي پاسي ايران ۽ آمريڪا سڌي ريت ڳالهين بدران ٿياڪڙي ذريعي ڳالهين تي اتفاق ڪري ورتو آهي. عرب ميڊيا موجب، ايراني جوهري پروگرام بابت عمان ۾ ڳالهيون ٿينديون، ۽ ايندڙ ٽن هفتن ۾ ڳالهيون شروع ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا 38

بيٺي آهي شهباز شريف سان نه، ن ليگ ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو آهن جيڪي آئين پڙهڻ بنا بيان ڏئي ڇڏيندا آهن. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ چيو ته چار اپريل تي قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي ڳڙهي خدابخش ۾ ملهائي وئي. شهيد ڀٽو جي ورسي ۾ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تاريخي خطاب ڪيو. موجوده ملڪي مسئلن تي روشني وڌي. سنڌ جي سڀ کان وڏي مسئلي ڪئنالن تي واضح پاليسي بيان ڏنو. هن چيو ته بلاول ڀٽو واضح لفظن ۾ چيو ته ڪئنال منظور ناهن. بلاول ڀٽو چيو ته اسان شهباز شريف سان گڏ نه عوام سان گڏ بيٺا آهيون. ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ ٺهڻ نه ڏينداسين. هينئر تائين پنجاب حڪومت واضح ناهي ڪري سگهي ته پاڻي ڪٿان ايندو. سنڌس چوڻ هو ته پيپلز پارٽي ڪنهن به صورت ۾ ڪئنال ٺهڻ نه ڏيندي. پرڏيهي هٿ پاڪستان کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اسان ڪنهن به صورت ۾ ملڪ کي ڪمزور ٿيڻ نه ڏينداسين. هن چيو ته بلاول ڀٽو واضح ڪيو ته جيڪي ماڻهو وڳوڙ چاهين ٿا ڪين ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. بينظير ڀٽو ڪالا باغ ڊيم واري مسئلي تي ڌرتو هنيو هو. شرجيل ميمڻ چيو ته اين ايف سي ايوارڊ ڏنو، آصف علي زرداري ملڪ جي هر ڪنڊ جي آواز کي ٻڌو هو ۽ ڪالا باغ ڊيم واري مسئلي تي فيصلو ڏنو هو، اين ايف سي ايوارڊ کانپوءِ صوبائي خودمختياريءَ تي پڻ آصف علي زرداري جي دور ۾ ڪم ٿيو. خيبرپختونخوا جو نالو به آصف علي زرداري ئي رکيو هو.

بقايا 39

عمري، ڪاروباري ۽ فيملي ويزائن تي لاڳو هوندي، ويزا پابنديون جون جي وچ ڌاران ختم ٿيڻ جو امڪان آهي. سفارتي ذريعن جو چوڻ آهي ته عمري جي ويزا رکندڙ 13 اپريل تائين سعودي عرب ۾ داخل ٿي سگهندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته پابندي مڙهيل ملڪن ۾پاڪستان، ڀارت، بنگلاديش، مصر، انڊونيشيا، عراق، نائيجيريا، اردن، الجزائر، سوڊان، ايٿوپيا، تيونس ۽ يمن فهرست ۾ شامل آهن.

بقايا 40

جي سلامتي ڪونسل جي آريا فارمولا اجلاس ۾ پاڪستان نام نهاد بلوچ لبريشن آرمي، مجيد بريگيڊ ۽ پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي سميت ٻين دهشتگرد گروپن جي جديد ۽ غير قانوني هٿيارن جي استعمال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو. پاڪستاني مشن جي قونصلر سيد عاطف رضا اجلاس کي خطاب ۾ چيو ته دهشتگرد گروپن وٽ افغانستان ۾ ڇڏيل اربين ڊالر ماليت جا غيرقانوني هٿيار موجود آهن جيڪي پاڪستان جي شهرين ۽ هٿياربند فوج جي خلاف استعمال ٿي رهيا آهن. دهشتگرد تنظيمن کي مخالف ملڪن جي بيروني امداد ۽ مالي مدد به حاصل آهي. پاڪستاني قونصلر مطالبو ڪيو ته عالمي پائيوار افغانستان ۾ ڇڏيل هٿيارن جي ذخيرن کي بازياب ڪرائين ۽ دهشتگرد گروپن جي هٿيارن تائين پهچ کي روڪيو وڃي، غيرقانوني هٿيارن جي بليڪ مارڪيٽنگ کي بند ڪرڻ جي لاءِ بهتر قدم کنيا وڃن

بقايا 41

ڪرڻو آهي. هڪ بيان ۾ ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته ملڪي ناڻي جي مٽا سٽا ذخيرن ۾ واڌ ٿي رهي آهي، معيشت صحيح رخ ۾ اڳتي وڌي رهي آهي ۽ هاڻ معاشي استحڪام حاصل ٿي چڪو آهي، سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو آهي، پر ملڪ ۾ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي ۽ هاڻ معاشي استحڪام کي پائيدار بڻائڻو آهي. هن چيو ته مهانگائي ۾ گهٽتائي جا فائدا عام ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ صوبائي چيف سيڪريٽرين سان لڳاتار رابطي ۾ آهيون. ناڻي واري وزير چيو ته بئنڪنگ شعبي جو معيشت ۾ اهم ڪردار آهي، ملڪ ۾ سيمينٽ ۽ گاڏين جي پيداوار وڌي آهي، جڏهن ته روز مره جي شين جي اگهن جي نگراني لاءِ ادارا جوڙي رهيا آهيون . هن ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو طئي ٿيو، اسان سنڌن سڀ شرط پورا ڪيا ۽ اهو معاهدو پاڪستان جي سٺي ڪارڪردگي جي بنياد تي ٿيو، جيئن ئي آءِ ايم ايف جو بورڊ منظوري ڏيندو، هڪ ارب ڊالر ملي ويندا. محمد اورنگزيب چيو ته آءِ ايم ايف سان ڪيل واعدا پورا ڪيا ۽ اهو پروگرام پاڪستان لاءِ ضروري آهي، آءِ ايم ايف سان موسمياتي مالي مدد بابت ڳالهيون پڻ ڪامياب رهيون. آءِ ايم ايف مشن جي اچڻ بابت خبرن تي ناڻي واري وزير وضاحت ڪئي ته اجا تائين ڪو به وفد پاڪستان ناهي آيو، خبر ناهي اهڙا افواهه ڪير پکيڙي رهيو آهي، آءِ ايم ايف جو مشن مئي ۾ پاڪستان جو دورو ڪندو. محمد اورنگزيب چيو ته جيڪي ڏکيا فيصلا ڪرڻا هئا، اهي ماضي ۾ نه ڪيا ويا، ملڪ ۾ اڳ به معاشي استحڪام آيو هو ۽ جون جي آخر تائين ٽيڪس ٽو جي ڊي پي شرح 10.6 سيڪڙو تائين حاصل ڪري وٺنداسين جڏهن ته هلندڙ مالي سال جي معاشي واڌ جي شرح 3 سيڪڙو تائين رهڻ جو امڪان آهي.

بقايا 42

۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر عاصم حسين چيو ته صدر آصف علي زرداري جي طبيعت ۾ سڌارو اچي رهيو آهي ۽ ڪيس سڀاڻي يا پرينهن اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويندو. هن چيو ته افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته صدر آصف علي زرداري بابت سوشل ميڊيا ۽ پارٽي ميڊيا تي بي بنياد خبرون هلي رهيون آهن. هن چيو ته صدر گذريل چنچرتي اسلام آباد کان نوابشاهه ويو ۽ مان ڪراچي ۾ هيس، صدر عيد واري ڏينهن فون ڪري ٻڌايو ته سنڌس طبيعت ناساز آهي. ڊاڪٽر عاصم حسين ٻڌايو ته صدر عيد جي ڏينهن شام جو بيبهر فون ڪيو ۽ چيو ته سيءُ ٿي رهيو آهي، بخار ٿي ويو آهي، رات نوابشاهه پهچڻ ڪانپوءِ اتي سهولت نه هئڻ سبب سومر جي ڏينهن صدر کي ڪراچي جي خانگي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ سنڌس ٽيسٽ شروع ڪيا ويا. ٽيسٽ ڪانپوءِ صدر ۾ ڪورونا جي تصديق ٿي. هن چيو ته سياسي مخالفن کي جيڪو وٽي چون، پارٽ ته آهي ٿي اسان جو دشمن، پر سوشل ميڊيا تي جيڪي خبرون هلي رهيون آهن اهي غير مناسب ۽ ٻي ڪوڙيون. صدر بلڊ پريشر ۽ شوگر جو مريض آهي.

بقايا 43

جي منظوري صدر آصف زرداري پاڻ ڏني آهي، جيڪا لکت ۾ موجود آهي. انهي معاملي تي سنڌ ۾ سياست تڪليف ڏيندڙ آهي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عظميٰ بخاري چيو ته عوام کي بجلي جي قيمتن ۾ رليف ڏيڻ شهباز شريف جو تاريخي قدم آهي، ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ هڪ ٻئي وڏي خوشخبري عوام کي ڏينداسين. آءِ ايم ايف خط لکندڙن ملڪ کي سريلنڪا بنائڻ چاهيو ٿي، جيڪي ناڪام ٿي ويا. بلاول ڀٽو کي ڪينالن جي معاملي تي تقرير ڪرڻ جي بجاءِ وفاق جي سامهون مسئلي کي رکڻ گهرجي. پنجاب جي اطلاعات واري وزير پي ٽي آءِ کي تنقيد جو نشانو بنائيندي چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ ڪرپشن جو عجيب ڪهاڻيون سامهون اچي رهيون آهن. هن چيو ته پي ٽي آءِ جا ماڻهو ٽڪرن ۾ ورهائجي هڪ ٻئي جي ڪرپشن جا پول پڌرا ڪري رهيا آهن. گنڊاپور جي ته ڪرسي خطري ۾ آهي، جنهن لاءِ هو عزت بچائڻ جي لاءِ وفاق تي چڙهائي جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هاڻ اسان سنڌس ڌمڪين کان ڊڄڻ وارا نه آهيون. عظميٰ بخاري بلاول ڀٽو طرفان ڪينال جي معاملي تي تقرير حوالي سان چيو ته پارٽ پنهنجو حصو آباد ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب جو پاڻي ڪيئن ورهائڻو آهي، انهي بابت فيصلو ڪرڻو آهي، ٻوڏ جي ڏينهن ۾ پاڻي ضايع ٿيندو آهي ته انهي کي اسٽاڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته رمضان سهولت بازار ۾ هڪ ارب 11 ڪروڙ روپين جي عوام کي شين تي بچت ٿي، 3 ارب 57 ڪروڙ روپين جي رمضان بازارن ۾ خريداري ٿي، 28 هزار ماڻهن 3 ڪروڙ روپين جي فري هوم ڊليوري جي آڇ تحت رمضان بازار مان سامان گهرايو. عظميٰ بخاري چيو ته 13 نيون سهولت بازارون آگسٽ تائين ٺاهينداسين پنجاب ۾ اوورچارجنگ ڪرڻ تي ٽرانسپورٽرز کي 22 لک روپيه ڏنڊ لڳايو ويو جڏهن ته 11 لک روپيه مسافرن کي واپس ڏياريا ويا.

بقايا 44

جي اڳواڻن جو نوٽيس، گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جو دورو، امن لاءِ اهم ملاقاتون ضلعي ڪشمور ۾ وڌندڙ بدامني خلاف ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪشمور جي چيئرمين مير گل محمد جکراڻي پاران پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي قيادت کي ڏنل شڪايتن تي گهرو وزير سنڌ ضياءُالحسن لنجار پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جي هدايتن تي به ڏينهن جي دوري تي ڪشمور پهتو گهرو وزير گبو ريسٽ هائوس ۾ مختلف وفدن سان ملاقاتون ڪيون، جن ۾ هندو برادري، سياسي سماجي اڳواڻ ۽ علائقي جا معزز شامل هئا. مير گل محمد جکراڻي پاران ضياءُ الحسن لنجار کي ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ عوام جي بيچيني بابت آگاهي ڏني وئي. هن مطالبو ڪيو ته حڪومت فوري قدم کڻي ته جيئن علائقي واسي سڪون جو ساهه کڻي سگهن. گهرو وزير دوران ڪچي علائقن ۾ جاري پوليس آپريشن جو جائزو وٺڻ سان گڏ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ضروري هدايتون به جاري ڪيون. دوري دوران آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي ڪشمور ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي به ساڻس گڏ هئا. ضياءُ الحسن لنجار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ پارٽي قيادت جون واضح هدايتون آهن ته ڪشمور سميت سمورن متاثر علائقن ۾ امن بحال ڪيو وڃي، هن چيو ته شڪارپور ۾ هن وقت ڪو به مغوي موجود ناهي، جڏهن ته گهوٽڪي ۾ هڪ شخص اغوا ٿيل آهي. ۽ ڪشمور ۾ راجيش ڪمار ڪيترن ئي مهينن کان اغوا ٿيل آهي، جڏهن ته ٽن ڪسٽم اهلڪارن جي بازيابي به اجا تائين التوا جو شڪار آهي، گهرو وزير عزم ظاهر ڪيو ته ڏوهاري عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي جاري رهندي ۽ عوام سان مشوري سان ڪشمور ۾ پائيدار امن قائم ڪيو ويندو.

بقايا 45

خلاف درگاهه شريف چوڪ کان جسقپ چيئرمين نواز خان زنئون، سينيئر وائيس چيئرمين محمد علي خشڪ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ شهر جي مختلف مڪتبہ فڪر سان لاڳاپيل ۽ سياسي اڳواڻن محمد علي ايماني، سسئي لوهار، ڪامريڊ اصغر نوناري، فدا حسين تنيو، منور علي نوناري، وسيم علي گوپانگ، ضلع ملير ڪراچي صدر مختيار علي سومرو، حاڪم علي گوپانگ، حسن ڪلهوڙو، ديدار علي جلباڻي شرڪت ڪئي. ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي رائيس ڪئنال پل تي پهتي. جتي مظاهرين ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جنهن سبب لاڙڪاڻي کان دادو طرف ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ 2 ڪلاڪ معطل ٿي وئي. ان موقعي تي جسقپ چيئرمين نواز خان زنئون، وائيس چيئرمين محمد علي خشڪ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ درياهه مٿان ڪئنال سنڌين جي موت جو پروانو آهن ۽ ڪو به غيرتمند سنڌي ان کي قبول ڪونه ڪندو. هنن چيو ته سنڌ ڪئنالن خلاف پنهنجو پرامن ريفرنڊم ڏئي چڪي آهي هنن چيو ته جسقپ ڪنهن به صورت ۾ ڪئنال ٺاهڻ نه ڏيندي نه ئي سنڌ جي تباهي برداشت ڪندي. تنهنڪري حڪمرانن کي ڪئنالن واري معاملي تان هر حال ۾ هٿ کڻڻ گهرجي ٻي صورت ۾ سنڌ جا جوڌا ڪنهن به قرباني ڏيڻ کان ڪونه ڪيٻائيندا.

بقايا 46

سخت نعريبازي ڪئي، ٽريفڪ معطل ٿي وئي. ڌرڻي جي اڳواڻي زيد قلپوٽو، سجاول قلپوٽو، آصف شر، عرفان ٻرڙو، شيراز گنهيير ۽ ٻين چيو ته سنڌو درياءِ مان ڪئنال ڪڍڻ وارو منصوبو زندگي ۽ موت جو منصوبو آهي، جنهن کي سموري سنڌ رد ڪري ڇڏيو آهي. سنڌو درياءِ مان ڪئنال ڪڍي ڪري سنڌ کي سڪائڻ جي وڏي هڪ سازش آهي، ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ جي لکين ايڪڙ آباد زمين بنجر بڻجي ويندي. هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ وارو منصوبو جلد ختم ڪيو وڃي.

بقايا 47

صدر مير لياقت علي لاشاري ۽ ٻيا اڳواڻ پهچي ڪري پيپلز پارٽي جي سٽي صدر جميل دايو سان ملاقات ڪئي پريس ڪانفرنس ڪندي ايم پي اي ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي ۽ ضلعي صدر مير لياقت علي لاشاري چيو ته قوم پرست ڪارڪنن پي پي جي سٽي صدر جي گهر اڳيان احتجاج ڪري نازيبا ٻولي استعمال ڪئي، لٺ بردارن حملو ڪري پي پي جي سٽي صدر جميل دايو سميت پنجن ڪارڪنن کي زخمي ڪيو هنن چيو ته اسان جا ڪارڪن صبر کان ڪم وٺن باقي قانوني ويڙهه وڙهندا سين. جيڪو اسانجو حق آهي هنن چيو ته ٿل ۾ اڄ جيڪو واقعو ٿيو آهي اهو ننڍو معاملو ناهي، پيپلز پارٽي قيادت خلاف بازاري ٻولي استعمال ڪئي پئي وڃي جيڪو برداشت جوڳو عمل ڪونهي، هنن وڌيڪ چيو ته سائين جي ايم سيد اسانجي لاءِ احترام لائق آهي، هن خلاف ڪنهن به اڳواڻ غلط ناهي ڳالهايو جيڪڏهن ڪنهن دوست جي دل آزاري ٿي آهي ته اسان معذرت خواهه آهيون. هنن چيو ته ڪجه ڌريون ٿل جو امن خراب ڪرائڻ گهرن ٿا جنهن سازش کي ناڪام بڻايو ويندو

بقايا 48

ڏنيو ٺاڪر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سندس ڳوٺ ۾ رهندڙ ريزڪي دڪان هلائيندڙ راهول ٺاڪر سندس معصوم نينگر جيڪو شي وٺڻ لاءِ دڪان تي ويو ته دڪاندار راهول ڪيس خرچي ڏيئي جهنگ ۾ وٺي ڪيس نشي واريون گوريون کارائي زيادتي ڪئي آهي هن چيو ته هن کان اڳ به ساڳيو جوابدار ڳوٺ جي معصومن سان زيادتيون ڪندو رهيو آهي، ڪيس گرفتار ڪري ساڻس انصاف ڪيو وڃي،ٻئي طرف اطلاع تي پوليس پهچي معاملي جا تفصيل وٺي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ رواني ٿي وئي آهي پوليس موجب ته جوابدار کي گرفتار ڪري نينگر سان انصاف ڪيو ويندو

بقايا 49

ميرجت پنهل جمالي ذوالفقار بليدي اياز سولنگي سلطان دل ڪمال مهر ڪنڊيل بيان ۾چيو آهي ته سنڌ ۾ درياهه بچائڻ لاءِ پرامن جدوجهد جاري آهي حڪمران سنڌو درياهه تان قبضو ختم ڪري ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس وٺن پيپلزپارٽي هڪ طرف ڪئنالن جي اين او سي ڏي ٿي ته ٻئي طرف ڪئنالن خلاف احتجاج ڪري ڊونگ پئي ڪري وري جڏهن سنڌ ۾ ڪئنالن خلاف پُرامن احتجاج ٿئي پيو ته ڪارڪنن کي ڪنپي ڪٽي گم ڪيو ٿو وڃي نوابشاهه ضلعي اڳواڻ ساگر ملاح امتياز پٽي کي ڪيترن ئي ڏينهن کان ڪنپي گم ڪيو ويو آهي ته وري ڪالا جامشوري ۾ پُرامن احتجاج ڪرڻ جي ڏوهه ۾ جساف محاذ جي مرڪزي اڳواڻ حيدر چوليائي عرفان سومرو اصغر جمالي زاهد چنا عمران چانڊيو سعيد ٽيوٽو عابد جمالي ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن جي مذمت ڪجي ٿي پيپلزپارٽي پنهنجي هن پندرنهن سالن جي اقتدار ۾ سنڌ دشمن فصيلا ڪيا آهن زمينن تي ولار ڪرائي وئي آهي ڪارپورٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي زمينن تي ولار ڪري ڌرتي ڌڻين کان زمين کسي پئي وڃي ان ڪري سنڌي ماڻهن کي زمين ۽ درياهه بچائڻ واري جدوجهد کي تيز ڪرڻو پوندو

بقايا 50

ملير(ڊ ر) گهگهر ڦاٽڪ سالار ڳوٺ ويجهو ٻن ڌرين ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 50 جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل، هڪ زخمي، واقعو پراڻي دشمني سبب پيش آيو آهي: پوليس، خبر موجب: اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي حد گهگهر ڦاٽڪ سالار ڳوٺ ويجهو ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو جڏهن ته هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو. مارجي ويل جي سڃاڻپ ستار بگٽي پٽ غوث بخش بگٽي جڏهن ته زخمي جي سڃاڻپ عظمت الله پٽ عبدالستار جي نالي سان ٿي آهي جن کي ايمبولينس ذريعي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ان ڊس ايس ايڇ او اسٽيل ٽائون علڻ خان عباسي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعو بگٽي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پيش آيو آهي ٻنهي ڌرين ۾ پراڻو تڪرار هلندڙ هيو واقعي دوران هڪ ڌر پاران فائرنگ ڪئي وئي جنهن ۾ هڪ ڄڻو تڏي تي ئي مارجي ويو جڏهن ته هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو، واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 51

آهي. اطلاع تي پوليس پهچي واٽر ڪورس مان لاش ڪڍي تعلقا اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيو. جتي لاش جي سڃاڻپ نٿي سگهي آهي.

بقايا 52

جي اڳواڻن جو نوٽيس، گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جو دورو، امن لاءِ اهم ملاقاتون ضلعي ڪشمور ۾ وڌندڙ بدامني خلاف ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪشمور جي چيئرمين مير گل محمد جکراڻي پاران پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي قيادت کي ڏنل شڪايتن تي گهرو وزير سنڌ ضياءُالحسن لنجار پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جي هدايتن تي به ڏينهن جي دوري تي ڪشمور پهتو گهرو وزير گبو ريسٽ هائوس ۾ مختلف وفدن سان ملاقاتون ڪيون، جن ۾ هندو برادري، سياسي سماجي اڳواڻ ۽ علائقي جا معزز شامل هئا. مير گل محمد جکراڻي پاران ضياءُ الحسن لنجار کي ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ عوام جي بيچيني بابت آگاهي ڏني وئي. هن مطالبو ڪيو ته حڪومت فوري قدم کڻي ته جيئن علائقي واسي سڪون جو ساهه کڻي سگهن. گهرو وزير دوران ڪچي علائقن ۾ جاري پوليس آپريشن جو جائزو وٺڻ سان گڏ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ضروري هدايتون به جاري ڪيون. دوري دوران آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي ڪشمور ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي به ساڻس گڏ هئا. ضياءُ الحسن لنجار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ پارٽي قيادت جون واضح هدايتون آهن ته ڪشمور سميت سمورن متاثر علائقن ۾ امن بحال ڪيو وڃي، هن چيو ته شڪارپور ۾ هن وقت ڪو به مغوي موجود ناهي، جڏهن ته گهوٽڪي ۾ هڪ شخص اغوا ٿيل آهي. ۽ ڪشمور ۾ راجيش ڪمار ڪيترن ئي مهينن کان اغوا ٿيل آهي، جڏهن ته ٽن ڪسٽم اهلڪارن جي بازيابي به اجا تائين التوا جو شڪار آهي، گهرو وزير عزم ظاهر ڪيو ته ڏوهاري عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي جاري رهندي ۽ عوام سان مشوري سان ڪشمور ۾ پائيدار امن قائم ڪيو ويندو. جي اڳواڻن جو نوٽيس، گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جو دورو، امن لاءِ اهم ملاقاتون ضلعي ڪشمور ۾ وڌندڙ بدامني خلاف ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪشمور جي چيئرمين مير گل محمد جکراڻي پاران پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي قيادت کي ڏنل شڪايتن تي گهرو وزير سنڌ ضياءُالحسن لنجار پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جي هدايتن تي به ڏينهن جي دوري تي ڪشمور پهتو گهرو وزير گبو ريسٽ هائوس ۾ مختلف وفدن سان ملاقاتون ڪيون، جن ۾ هندو برادري، سياسي سماجي اڳواڻ ۽ علائقي جا معزز شامل هئا. مير گل محمد جکراڻي پاران ضياءُ الحسن لنجار کي ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ عوام جي بيچيني بابت آگاهي ڏني وئي. هن مطالبو ڪيو ته حڪومت فوري قدم کڻي ته جيئن علائقي واسي سڪون جو ساهه کڻي سگهن. گهرو وزير دوران ڪچي علائقن ۾ جاري پوليس آپريشن جو جائزو وٺڻ سان گڏ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ضروري هدايتون به جاري ڪيون. دوري دوران آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي ڪشمور ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي به ساڻس گڏ هئا. ضياءُ الحسن لنجار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ پارٽي قيادت جون واضح هدايتون آهن ته ڪشمور سميت سمورن متاثر علائقن ۾ امن بحال ڪيو وڃي، هن چيو ته شڪارپور ۾ هن وقت ڪو به مغوي موجود ناهي، جڏهن ته گهوٽڪي ۾ هڪ شخص اغوا ٿيل آهي. ۽ ڪشمور ۾ راجيش ڪمار ڪيترن ئي مهينن ڪان اغوا ٿيل آهي، جڏهن ته ٽن ڪسٽم اهلڪارن جي بازيابي به اجا تائين التوا جو شڪار آهي، گهرو وزير عزم ظاهر ڪيو ته ڏوهاري عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي جاري رهندي ۽ عوام سان مشوري سان ڪشمور ۾ پائيدار امن قائم ڪيو ويندو.

بقايا 53

جي مقامي اڳواڻن اڳواڻ شيراز ڏيٿو . ايڊووڪيٽ گلزار خاصخيلي . شڪور ناز خاصخيلي. جسقم اڳواڻ ذوالفقار ڏيٿو . عبدالرئوف چانگ جي اڳواڻي ۾ شهرين شاندار استقبال ڪيو ويو مٽياري ٻاهران نصرپور چوڪ تي پي ٽي آئي پاران استقباليه ڪئمپ قائم ڪئي وئي هئي جتي وڏي انگ ۾ پي ٽي آئي ڪارڪنن پاران مارچ جو گلن جي ورکا سان استقبال ڪيو ويو مٽياري ۾ وڪ وڪ تي بيداري مارچ جو گلن جي ورکا سان استقبال ڪيو ويو مٽياري پريس ڪلب اڳيان مارچ کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه. صفدر عباسي. روشن ٻرڙو. حليم عادل شيخ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پ پ اقتدار خاطر سنڌ جو ودو ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن اهي سنڌ سان سچا آهن ته صدر آصف زرداري ڏنل منظوري واپس وٺي. سنڌ جو عوام پ پ جي دوڪيبازي ۾ نه ايندو ۽ درياهه بچائڻ لاءِ ٻاهر نڪري چڪو آهي. هن چيو ته سنڌي ماڻهو سمجهن ٿا ڪينال ڪڍي سرسبز سنڌ ۾ سڪائڻ ۾ پ پ به شامل آهي، جيڪڏهن ائين ناهي ته انهن کي اقتدار ڇڏي چٽو موقف رکڻو پوندو ۽ عوام سان گڏ بيهڻو پوندو. سنڌ جي عوام ڪئنالن کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو آهي ڪئنالن خلاف سنڌ جي واهڻ واهڻ وستي وستي ۾ ماروئڙا سراپا احتجاج آهن تڪراري ڪئنالن واري رٿا کي ختم نه ڪيو ويو ته تحريڪ اجان وڌيڪ تيز ٿيندي ائين نه ٿئي ته سنڌ جي ماروئڙن جو اهو احتجاج اوهان جي محلن کي لوڙهي وڃي ان ڪري هوش کان ڪم وٺو سنڌين جي هن ڪروڙ کي چئن قومپرستن جو احتجاج نه سمجهو پر اهو 6 ڪروڙ سنڌين جو اجتماعي احتجاج آهي اڳواڻن جو چوڻ هو ته حڪمرانن پنهنجي مفادن لاءِ ۽ پنهنجون چوريون لڪائڻ لاءِ تڪراري پيڪا قانون جهڙا ڪارا قانون منظور ڪرايا صحافين توڙي سوشل ورڪرن جي قلم کي قابو ڪرڻ لاءِ پيڪا قانون جهڙا قانون آندا ويا اڳواڻن جو چوڻ هو ته درياءُ بچايو ڪميٽي ايستائين پنهنجو احتجاج جاري رکندي جيستائين ڪئنالن جي رٿا کي رد نه ڪيو وڃي. جي مقامي اڳواڻن اڳواڻ شيراز ڏيٿو . ايڊووڪيٽ گلزار خاصخيلي . شڪور ناز خاصخيلي. جسقم اڳواڻ ذوالفقار ڏيٿو . عبدالرئوف چانگ جي اڳواڻي ۾ شهرين شاندار استقبال ڪيو ويو مٽياري ٻاهران نصرپور چوڪ تي پي ٽي آئي پاران استقباليه ڪئمپ قائم ڪئي وئي هئي جتي وڏي انگ ۾ پي ٽي آئي ڪارڪنن پاران مارچ جو گلن جي ورکا سان استقبال ڪيو ويو مٽياري ۾ وڪ وڪ تي بيداري مارچ جو گلن جي ورکا سان استقبال ڪيو ويو مٽياري پريس ڪلب اڳيان مارچ کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه. صفدر عباسي. روشن ٻرڙو. حليم عادل شيخ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پ پ اقتدار خاطر سنڌ جو ودو ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن اهي سنڌ سان سچا آهن ته صدر آصف زرداري ڏنل منظوري واپس وٺي. سنڌ جو عوام پ پ جي دوڪيبازي ۾ نه ايندو ۽ درياهه بچائڻ لاءِ ٻاهر نڪري چڪو آهي. هن چيو ته سنڌي ماڻهو سمجهن ٿا ڪينال ڪڍي سرسبز سنڌ ۾ سڪائڻ ۾ پ پ به شامل آهي، جيڪڏهن ائين ناهي ته انهن کي اقتدار ڇڏي چٽو موقف رکڻو پوندو ۽ عوام سان گڏ بيهڻو پوندو. سنڌ جي عوام ڪئنالن کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو آهي ڪئنالن خلاف سنڌ جي واهڻ واهڻ وستي وستي ۾ ماروئڙا سراپا احتجاج آهن تڪراري ڪئنالن واري رٿا کي ختم نه ڪيو ويو ته تحريڪ اجان وڌيڪ تيز ٿيندي ائين نه ٿئي ته سنڌ جي ماروئڙن جو اهو احتجاج اوهان جي محلن کي لوڙهي وڃي ان ڪري هوش کان ڪم وٺو سنڌين جي هن ڪروڙ کي چئن قومپرستن جو احتجاج نه سمجهو پر اهو 6 ڪروڙ سنڌين جو اجتماعي احتجاج آهي اڳواڻن جو چوڻ هو ته حڪمرانن پنهنجي مفادن لاءِ ۽ پنهنجون چوريون لڪائڻ لاءِ تڪراري پيڪا قانون جهڙا ڪارا قانون منظور ڪرايا صحافين توڙي سوشل ورڪرن جي قلم کي قابو ڪرڻ لاءِ پيڪا قانون جهڙا قانون آندا ويا اڳواڻن جو چوڻ هو ته درياءُ بچايو ڪميٽي ايستائين پنهنجو احتجاج جاري رکندي جيستائين ڪئنالن جي رٿا کي رد نه ڪيو وڃي.

بقايا 54

جي منظوري صدر آصف زرداري پاڻ ڏني آهي، جيڪا لکت ۾ موجود آهي. انهي معاملي تي سنڌ ۾ سياست تڪليف ڏيندڙ آهي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عظميٰ بخاري چيو ته عوام کي بجلي جي قيمتن ۾ رليف ڏيڻ شهباز شريف جو تاريخي قدم آهي، ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ هڪ ٻئي وڏي خوشخبري عوام کي ڏينداسين. آءِ ايم ايف خط لکندڙن ملڪ کي سريلنڪا بنائڻ چاهيو ٿي، جيڪي ناڪام ٿي ويا. بلاول ڀٽو کي ڪينالن جي معاملي تي تقرير ڪرڻ جي بجاءِ وفاق جي سامهون مسئلي کي رکڻ گهرجي. پنجاب جي اطلاعات واري وزير پي ٽي آءِ کي تنقيد جو نشانو بنائيندي چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ ڪرپشن جو عجيب ڪهاڻيون سامهون اچي رهيون آهن. هن چيو ته پي ٽي آءِ جا ماڻهو ٽڪرن ۾ ورهائجي هڪ ٻئي جي ڪرپشن جا پول پڌرا ڪري رهيا آهن. گنڊاپور جي ته ڪرسي خطري ۾ آهي، جنهن لاءِ هو عزت بچائڻ جي لاءِ وفاق تي چڙهائي جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هاڻ اسان سنڌس ڌمڪين کان ڊڄڻ وارا نه آهيون. عظميٰ بخاري بلاول ڀٽو طرفان ڪينال جي معاملي تي تقرير حوالي سان چيو ته پارٽ پنهنجو حصو آباد ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب جو پاڻي ڪيئن ورهائڻو آهي، انهي بابت فيصلو ڪرڻو آهي، ٻوڏ جي ڏينهن ۾ پاڻي ضايع ٿيندو آهي ته انهي کي اسٽاڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته رمضان سهولت بازار ۾ هڪ ارب 11 ڪروڙ روپين جي عوام کي شين تي بچت ٿي،

منياڻي ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف شٽر بند هڙتال، سول سوسائٽي جي ريلي

مختلف قومپرست ۽ سياسي سماجي جماعتن پاران لعل مسجد کان ريلي ڪڍي

ريلي ۾ جي ڊي اي، جي يو آءِ، جسقم، ايس يو پي، ڪيو اي ٽي ۽ ٻين جي شرڪت

سنڌو درياهه تي ڌاڙو ڪنهن به صورت قبول نه ڪيو ويندو، ڀرپور مزاحمت ڪنداسين: اڳواڻ

منياڻي: سول سوسائٽي پاران تڪراري ڪئنالن خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

منياڻي (رپورٽر) منياڻي ۾ سول سوسائٽيءَ پاران سنڌو درياءَ تي ٺهندڙ غير قانوني ڪئنالن خلاف احتجاج واري سڏ تي مختلف قوم پرست /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

هنگورجا جي بنگل خان چانگ اسڪول ۾ پوزيشن ڪٽندڙ ٻارڙن ۾ ايوارڊ تقسيم

هنگورجا (ن پ ڪ) هنگورجا جي بنگل خان چانگ ايليمنٽري اسڪول ۾ ساليانو امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ ٻارڙن ۾ ايوارڊ ورهائڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

سکر ايس ايس پي آفيس سامهون ڪلي عام شراب وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف، احتجاج

انڊس اپارٽمينٽ ۾ ڪيلاش ڪمار نالي شخص پاران ڪلي عام شراب وڪرو ڪرڻ لڳو

شراب جي وڪري سان نشو ڪندڙ ماڻهن سبب علائقي جو ماحول خراب ٿي ويو آهي: شهري

ايس ايس پي کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ذميوار خلاف ايڪشن ڪنيو وڃي: مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي آفيس سکر روڊ انڊس اپارٽمينٽ ۾ باٿر هندو پاران ڪلي عام شراب جو وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف، ايڪسائيز ۽ ڊسٽرڪٽ پوليس بيخبر /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

جي يو آءِ پاران لاڙڪاڻو – خيرپور پل تي ڪئنالن خلاف اڄ مظاهرو ڪيو ويندو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جميعت علماءِ اسلام ضلعي لاڙڪاڻي ۽ خيرپور طرفان سنڌو درياهه مٿان تڪراري ڪئنال اڏڻ خلاف اڄ 6 اپريل تي /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

ڪوٽڙي ڪبير: لوچي پاڙي واسڻ پوليس خلاف احتجاج ڪري آهي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ لوچي محلا واسڻ جو پوليس خلاف مظاهرو

پوليس مخالفن جي ونگار وهندي ظلم ۽ زيادتي پئي ڪري: امتياز خاتون

بيگناهه گرفتار ڪيل مڙس ۽ گهر مان ڪنيل سامان واپس ڪرائي، انصاف ڪيو وڃي

ڪوٽڙي محمد ڪبير (رپورٽر) لوچي محلا خانواهڻ جي رهواسڻ امتياز خاتون زال گلزار سولنگي خانواهڻ پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

فريدآباد ۾ پورهيت جي گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 2 عورتون زخمي

نياز ڪالوني واسي پورهيت لطيف رند جي ڪچي گهر جي ڇت اوچتو ڪري پئي

واقعي ۾ گهرياتي گلشاد رند ۽ ريحانه رند زخمي ٿي پيون، جن کي اسپتال نيو ويو

فريدآباد (رپورٽ: سڪندر علي بروهي) فريدآباد جي نياز ڪالوني جي رهواسي پورهيت لطيف علي رند جي ڪچي گهر جي ڇت اوچتو /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

ڀانڊي پوليس جي زيادتين خلاف مقتول جي وارثن جو احتجاجي مظاهرو

مقتول جي امڙ حڪيمه، ڀاءُ اڪرم، اويس ۽ ٻين پريس ڪلب اڳيان نعريبازي ڪئي

ڀانڊي پوليس ڏيڍ مهينو گذرڻ باوجود جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ ناهي آندو: والده

هن مهل تائين ڪيس به داخل نه ٿيو، پوليس جوابدارن جي ڌر بڻيل آهي، تدارڪ ڪيو وڃي

نوابشاهه (د ر) ڏيڍ مهينو اڳ ڀانڊي جي حاجي رحمان آباد/ڏسو صفحو 2 بقايا 7

سکر: حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جي ميت کي قبرستان منتقل ڪيو پيو وڃي

فريد آباد: نياز ڪالوني ۾ پورهيت جو ڊهي پٽ ٿيل گهر نظر اچي رهيو آهي

پهلوان اياز علي شاهه پاران پاڪ عيوضي پيرل پياسي ملاح جي مان ۾ تقريب

سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين: صادق لاکو

پيرل پياسي ملاح هميشه حق سچ جو علم بلند ڪيو: ممتاز علي شيخ ۽ ٻين جو خطاب

غلام الله (ن پ) سنڌوءَ تي ڌاڙو نامنظور ڪئنال سمورا نامنظور جي نعرن جي گونج سان پهلوان سيد اياز علي شاهه بخاري پاران ٺٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

ڪئنالن خلاف آخري دم تائين جدوجهد ڪبي: فقير نياز ميراڻي

پاڻي ڪٽي سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي: ف ليگ اڳواڻ

پنجاب چولستان پنهنجي حصي جي پاڻي مان آباد ڪري: روزاني پاڪ سان ڳالهيون

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽ: قربان علي ٻگهيو) ڪئنالن زريعي سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

پ پ ايم اين اي پاران حادثي ۾ زخمي ٿيل جيالن جي عيادت

ڪئنالن تان ڪنهن به صورت هٿ نه ڪڍبو: رميش لال

ٽانگا پارٽيون بنا جواز پارٽي تي تنقيد ڪري رهيون آهن: ڳالهيون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان واسطو رکندڙ اقليتي ايم اين اي رميش لال لاڙڪاڻو ڊراما سينٽر پهچي 4 اپريل /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

لاڙڪاڻو: رميش لال روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل جيالي جي عيادت ڪري رهيو آهي

ڀيرلو باءِ پاس وارو ڊرٽو تاريخ رقم ڪندو: سعود افضل هاليجوي

جي يو آءِ سٽي جو اجلاس، قاري لياقت علي مغل ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

جي يو آءِ سنڌ جي حقن تي ڪا به سوديبازي ڪرڻ نه ڏيندي: مولانا عبيدالله ڀٽو

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام جي مرڪزي اڳواڻ ۽ جامع حماديه مدرسه منزل گاهه سکر جي مهتمم اعليٰ مفتي سعود افضل هاليجوي /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

لاڙڪاڻي ۾ نابين شاگرد جو ڦر ڪندڙن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

دوستن 20 هزار مون کان ڦري مزاحمت تي زخمي ڪيو شاگرد

حيدري ٽاٽي جي پوليس تدارڪ نه ٿي ڪري، انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ باڍهه شهر جي تقي شاهه جي رهواسي نابين نوجوان شاگرد مبينا ڦر ڪري مزاحمت تي زخمي ڪرڻ واري واقعي /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

موذي مرض پوليو خلاف جنگ جاري آهي: عيني مري

پوليو جي انت لاءِ سمورين ڌرين کي پنهنجو ڪردار نڀائڻو پوندو: نويد ڏيرو

ٻه ڦڙا معصومن کي پياري سنڌن مستقبل کي محفوظ بڻايو وڃي: بشير احمد شاهه

شهدادپور (رپورٽ رئوف جان باگراڻي) ڊپٽي ڊسٽرڪ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسلم مجيد چنو جي اڳواڻي ايم اين اي نويد ڏيرو ۽ پ پ اڳواڻ سينيٽر عيني /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

سکر ۾ فوتي نوجوان جي وارثن سان ايڪي لاءِ ڪاروبار سوڳ ۾ بند رهيا

ڪاروباري ۽ واپاري مارڪيٽون مڪمل طور تي پورو ڏينهن پڻ بند رهيون

واقعي جو نوٽيس وٺي، ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي: شهري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي ملٽري روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوانن جي وارثن سان ڏک ۽ يڪجهتي جي اظهار لاءِ سکر جي واپاري /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

ڳوٺ گاگڙي جي اسڪول ۾ ساليانو تقريب، ٻارڙن طرفان اسائنمنٽ، ٽيبلو پيش

ڳوٺ گاگڙي ۾ اين جي او تحت هلندڙ اسڪول ۾ ساليانو رزلٽ انائوسمينٽ جي شاندار تقريب ڪوٺائي وئي

تقريب دوران پوزيشن ڪٽندڙ ٻارڙن ۾ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ تقسيم، والدين پاران خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو

ڳوٺ گاگڙي تعليم جي لحاظ کان علائقي ۾ پاڻ مڃرائي رهيو آهي: سليم /ايم حنيف/نذير سولنگي

خيرپور (رپورٽر) خيرپور جي علائقي ڳوٺ گاگڙي ۾ اين جي او تحت هلندڙ هاءِ اسڪول ۾ هيڊماسٽر /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

خيرپور: ڳوٺ گاگڙي جي اسڪول ۾ ڪوٺايل ساليانو تقريب جو ڏيک، ٻي پاسي شاگرد ٽيبلو پيش ڪري رهيو آهي

ملير جي ڪوڪراپار ۾ خاصخيلي ۽ گوپانگ برادري ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو مارجي ويو، احتجاجي مظاهرو

جهيڙي دوران گولين لڳڻ سبب نوجوان حمزو خاصخيلي ڏڏي تي مارجي ويو، ڪيترائي زخمي ٿي پيا

مقتول جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن جي شرڪت، مقامي قبرستان ۾ تدفين

گڏاپ (رپورٽر) خاصخيلي ۽ گوپانگ برادري جي جهيڙي ۾ بيگناهه نوجوان حمزو خاصخيلي شهيد، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جو احتجاج ۽ قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو گذريل رات خاصخيلي ۽ گوپانگ برادري جي وچ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

لطيفيات جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي 14 هين ورسي اڄ ملهائي ويندي

صبح جو سادي نائين وڳي سندس پٽ علي محمد بلوچ جي اڳواڻي ۾ خاندان وارا قبر تي حاضري ڀريندا

سندس آخري آرام گاهه سنڌ يونيورسٽي ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار جي ڀرسان جڙيل آهي

نبي بخش کي خدمتن عيوض پرائيڊ آف پرفارمنس اعزاز ڪمال ۽ ستارا امتياز، عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ سوڊو ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو

ڄامشورو (رپورٽ : حاڪم چانڊيو) سنڌ يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر، نامور اديب، لسانيات ماهر، لوڪ ادب ۽ لطيفيات جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ڪيل ڪم ساراهه جوڳو آهي: مخدوم سعيد الزمان

نبي بخش اڻ ٿڪ محنت سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مواد سهيڙي ڪتاب تيار ڪيا

سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي سينې جلدن کي اردو ترجمي جي صورت ۾ ڇپرائڻ جو سلسلو هلندڙ آهي

ڄامشورو: سنڌ جي نامور اسڪالر اديب، لسانيات جي ماهر، لوڪ ادب، سنڌي لغات ۽ لطيفيات جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

لکي غلام شاهه ۾ جي يو آءِ جو سنڌ دشمن ڪئنالن خلاف مظاهرو

مولانا عبدالله مهر ۽ محمد طيب ميڪو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

مفاهمت سان ڪئنال ناهڻ بند نه ڪيا ويا ته مزاحمت ڪنداسين: جي يو آءِ اڳواڻ

لکي غلام شاهه (رپورٽ گوگي رام) جمعيت علماءِ اسلام تعلق لکي جي مجلس عمومي جو اجلاس مدرسه تاج العلوم ڳوٺ عطا محمد ڪوسو /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

لکي غلام شاهه: جي يو آءِ پاران تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان نيوي ۾ بطور سولين شموليت لاءِ گريڊ 5 کان 15 وارين نوڪرين ۾ ڀرتي جو اعلان

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان نيوي ريڪروٽمنٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ڊي ڪي مري جي صحافي عبدالرشيد لاشاري جو پاڻيجو لاڏاڻو ڪري ويو

درياخان مري (ن پ ڪ) درياخان مري جي صحافي /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

مفتي محمد عبدالله نعيمي قادري شهيد جو عرس 9 اپريل تي ملهايو ويندو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) 9 اپريل اربع ڏينهن تي سنڌ جي ناليواري مشهور عالم دين استاد العلماءَ /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

ملير ۾ غيرقانوني ترسيل افغانين خلاف ڪارروائي شروع، 12 افغاني گرفتار

حڪومت پاران فارين ايڪٽ تحت ڏنل مهلت ختم ٿيڻ بعد انتظاميه افغانين خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي

ايس ايڇ او اسٽيل ٽائون گلشن حديد ۾ ڪارروائيون ڪندي غيرقانوني ترسيل 12 افغانين کي گرفتار ڪري ورتو

غيرقانوني طور ترسيل افغانين جو گهيرو تنگ ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: ايس ايڇ او علڻ خان عباسي

ملير (د ر) حڪومت پاران فارين ايڪٽ تحت ڏنل مهلت ختم ٿيڻ بعد انتظاميه غيرقانوني ترسيل افغانين خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڏني آهي، /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

ملير: پوليس آپريشن ۾ گرفتار ٿيل افغانين جون تصويرون

ڊي جي ڪچي آبادي پاران ڊي آءِ جي ويسٽ عرفان بلوچ سان ملاقات

غير قانوني سرگرمين کي ڪنهن به صورت برداشت نه ڪبو: ڪاشف خان

قبضا مافيا خلاف هر صورت ۾ ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊي آءِ جي ويسٽ عرفان بلوچ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل انجنيئر ڪاشف خان ڊي آءِ جي ويسٽ ۽ سينٽرل عرفان بلوچ سان ملاقات ڪئي، جنهن ڪي /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

تعليم کاتي پاران اسڪولن ۾ درسي ڪتاب پهچڻ وارو عمل شروع

مرحلي ۾ ٽن تعلقن مانجهند، ٿانو بولا ڪتاب پهچايا ويا آهن: سردار شاهه

شفاف ورهاست جي لاءِ نگراني ڪندڙ ٽيمون جوڙيون ويون آهن: تعليم وارو وزير

ڪراچي/ ڄامشورو (نمائندن وٽان): سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه جي هدايت تي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ نئين تعليمي /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

عوامي پورهيت تحريڪ پاران ڪئنالن خلاف اڄ فريدآباد ۾ پيادل مارچ جو اعلان

درياهه مٿان ڪئنال ناهي سنڌين جي وجود کي ختم ڪرڻ جي گهري سازش ڪئي پئي وڃي: جي اين ڪوسو

سنڌ ۾ ترقي جي نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪيون پيون وڃن، پنجاب هميشه سنڌ مٿان ڌاڙوئي هنيو آهي

سنڌ جو هر باشعور ماڻهو ڪينالن کي رد ڪري چڪو آهي، اڄ هر حال ۾ پيادل مارچ ڪيو ويندو: پريس ڪانفرنس

فريدآباد (رپورٽ: سڪندر علي بروهي) عوامي پورهيت تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ جي اين ڪوسو ايڊووڪيٽ رحيم بخش ٻگهيو، ايڊووڪيٽ محمد اعظم خاصخيلي ايڊووڪيٽ سليم ڪوسو. عبدالفتاح /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

پاڪستان ريلوي جو خوشحال خان خٽڪ بحال ڪرڻ جو اعلان

لاهور (م ر) پاڪستان ريلوي خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس جي بحالي جو اعلان ڪري ڇڏيو. ريلوي اختيارين موجب، اپريل جي آخر ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

خوشحال خان خٽڪ ٽرين، جنهن کي هلائڻ جي منظوري ڏني وئي آهي

دربِ ميهر شاهه اسڪول ۾ ساليانو تقريب، ٻارن ۾ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ تقسيم

تعليم کان سواءِ ترقي ممڪن ناهي: اڳوڻو ايم پي اي بچل شاهه

دربِ ميهر شاهه اسڪول ۾ تعليم جو معيار تيزي سان بهتر ٿي رهيو آهي: خطاب

گمبٽ (ن پ ڪ) گمبٽ پرسان دربِ ميهر شاهه گورنمينٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

دادو ۾ پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي مغوين جي بازيابي ۽ ڪئنالن خلاف مظاهرو

سنڌ سرڪار پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ عمل قدم کڻڻ بجاءِ رڳو وارثن کي دلاسا ڏئي رهي آهي: اعجاز ملڪاڻي

سنڌو درياهه مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ سنڌ جي بنجر بڻائڻ جي سازش آهي، ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين: حميد ميمڻ

وفاق تڪراري رٿا کي واپس نه ورتو ته احتجاج جي دائري کي وسيع ۽ وڌيڪ سخت ڪيو ويندو: منصور پنهور

دادو (د ر) دادو ۾ پريا ڪماري ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي پريا ڪماري، نويد لاشاري جي بازيابي ۽ سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو مظاهرين /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

گمبٽ: دربِ ميهر شاهه هاءِ اسڪول ۾ ساليانو تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪندي، ٻي پاسي شاگرد انعام وٺي رهيو آهي

سيو سنڌو لاڙڪاڻو چيپٽر پاران تڪراري ڪئنالن خلاف ريلي

ريلي سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري کان نڪتي، وڏي انگ ماڻهو شريڪ هئا

ڪئنالن واري معاملي تي ڪنهن به صورت خاموش نه ويهنداسين: اڳواڻن جو خطاب

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌو درياهه مٿان 6 تڪراري ڪئنال اڏڻ خلاف سيو سنڌو لاڙڪاڻو چيپٽر طرفان سر شاهنواز ڀٽو ميموريل /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

جي يو آءِ ڪئنالن واري معاملي تي خاموش نه ويهندي: مولانا عبدالله مهر

هاڻي پيپلز پارٽي وارن جو گهيرو تنگ ٿي چڪو آهي: جي يو آءِ ضلعي اڳواڻ

اڄ سيڻي بئراجن تي احتجاجي ڌرڻا هنيا ويندا: شڪارپور ۾ پريس ڪانفرنس

شڪارپور (رپورٽ: مير امتياز علي مري) جمعيت علماءِ اسلام ضلع شڪارپور جي ضلعي امير مولانا عبد الله مهر ريجنل پريس ڪلب /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج

زمين جا غلام قادر مغل جعلي ڪاغذ ٺهرائي قبض تي ويو آهي: شير محمد

جعلي رجسٽريشن خلاف عدالت ۾ سول سوٽ داخل ڪيو ويو آهي: ارشاد لاڙائي

نوشهرو فيروز (د ر) ڳوٺ اڏ ڪاهي لاڙائي جي رهواسين حافظ شير محمد ارشاد لاڙائي ۽ مظهر لاڙائي پريس ڪلب نوشهرو فيروز پهچي /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

نوشهروفيروز: ڳوٺاڻو گهرياتين سان گڏ زمين تي قبضي خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

”تڪراري ڪئنال نامنظور“ صوفي جاڻ چن يادگار ڪميٽي جي سڏ تي احتجاجي ريلي

فقير، فقراءُ، شاعر، اديب، سياسي، سماجي، واپاري تنظيمن جا ڪارڪن ريلي ۾ شامل ٿي ويا

تڪراري ڪئنالن کي پوري سنڌ وانگر نصيرآباد جو عوام به رد ڪري ڇڏيو آهي: بلقيس چنا

ڪئنالن واري رٿا کي بنا دير رد ڪرڻ جو اعلان ڪيو وڃي، عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي: خطاب

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) تڪراري ڪئنالن خلاف ڄڳ مشهور صوفي بزرگ صوفي /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

جي يو آءِ اڳواڻ جو پٽ بازياب نه ٿيو، پارٽي پاران احتجاج جو چتاءُ

جي يو آءِ جو اجلاس، مولانا محمد صالح انڍڙ سميت ٻين اڳواڻن جي شرڪت

نينگر ابوبڪر عباسي نه ٿيو ڪراچي کان پنجاب تائين رستا بند ڪبا: مولانا محمد

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل مولوي علي اڪبر ڪلهوڙي جو /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

قاضي احمد ۾ مالوند جو چوري ٿيل مال جي واپسي لاءِ احتجاج

ڪجهه وقت اڳ به چور هڪ ٻڪري ۽ ڇيلو چوري ڪري ويا هئا: عبدالرحمان چانڊيو

پوليس هن وقت تائين ڪک پڇي ٻيٽو ناهي ڪيو، مال واپس ڪرايو وڃي: اپيل

قاضي احمد (غلام حسين راهو) قاضي احمد لڳ ڳوٺ /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

نصيرآباد ۾ مڪ آءِ اسپتال جو افتتاح ٿي ويو، مقررين ۾ مڃتا شيلڊون پڻ ورهايون ويون

نصيرآباد (رپورٽ: اعظم ٽگڙ) نصيرآباد ۾ مڪ آءِ اسپتال جو افتتاح! الابراهيم آکين جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

احتجاج ۽ احتجاج
قاضي احمد: پيرسن چوري ٿيل مال جي واپسي لاءِ احتجاج ڪندي

ڏهرڪي جي پورهيت تنظيم پاران سپاٽي ڪئنالن خلاف ريلي جو اعلان

اينگرو ٽي چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي ويندي، دعوت ناما ڏنا ويا آهن: وطن دوست مزدور فيڊريشن

ڇهه نوان تڪراري ڪينال ڪڍڻ سان نه رڳو سنڌ پر پنجاب کي به نقصان ٿيندو: پورهيت اڳواڻ

وفاقي سرڪار پاڻمرادو تڪراري ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي زمينن تي والار جو منصوبو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري: جمشيد

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) سنڌو درياهه مان ڇهه (6) نوان سنڌ دشمن ڪينال ڪڍڻ جي منصوبي خلاف وطن دوست مزدور فيڊريشن /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

غوٺپور پرسان اوڳاهي برادري ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل

اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين پراڻي تڪرار تان هڪٻئي مٿان فائرنگ ڪئي

جهيڙي دوران 20 ورهين جو نوجوان ڏنار ظهير پٽ ڏاڏو اوڳاهي مارجي ويو

غوٺپور (رپورٽ: حاجي شاهنوازشيخ) غوٺپور شهر پرسان ڳوٺ رئيس محمد حيات اوڳاهي ڪچي واري علائقي ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

غوٺپور: اوڳاهي برادري جي جهيڙي ۾ مارجي نوجوان جو مڙهه پيل آهي

ڪئنالن وارو منصوبو واپس ورتو وڃي: ناصر محمود سومرو

حڪمران هوش کان ڪم وٺن، عوام باغي ٿي نه وڃي: جي يو آءِ اڳواڻ

جي يو آءِ هميشه پرامن واري سياست ڪئي آهي: ورڪشاپ کي خطاب

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ جميعت علماءِ اسلام ضلعي طرفان ضلعي امير مولانا ناصر خالد محمود سومرو جي صدارت ۾ ٻه روزه /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

دادو ۾ درياهه خاطر سنڌ جو شعور، مستقبل، ڌرتي ڏرٽي روڊ تي نڪري آيا

احسان ڪنير، عاقب جمالي، خليق چانڊيو جي اڳواڻي ۾ شاگردن علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

سنڌو درياهه تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي سنڌو درياهه 6 ڪروڙ سنڌين جو جياپو آهي: مقصود ٻرڙو

سنڌ کي بنجر ۽ سنڌين کي تباهه ٿيڻ نه ڏينداسين هر محاذ تي تڪراري ڪئنالن خلاف جنگ جاري رهندي: احسان ڪنير

دادو (د ر) دادو ۾ سنڌو درياهه خاطر سنڌ جو شعور، سنڌ جو مستقبل، ڌرتي ڏٽي روڊن تي نڪري آيا باڪ اسٽيڊي سرڪل دادو جي سڏ تي اڳواڻن مقصود ٻرڙو، احسان ڪنير، عاقب جمالي، خليق چانڊيو طارق ابڙو، ڪاشف ٻبر جي اڳواڻي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 12


لاڙڪاڻو: جي يو آءِ اڳواڻ ناصر محمود سومرو ورڪشاپ کي خطاب ڪري رهيو آهي

ميهڙ ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف سول سوسائٽي ۽ مختلف ڌرين جي مشعل بردار ريلي

ريلي نياز ٻرڙو جي اڳواڻي ۾ ڊگري ڪاليج باءِ پاس کان گهنٽا گهر چوڪ کان نڪتي، مختلف رستن کان ٿيندي گهنٽا گهر چوڪ پهتي

صوبي اندر اڳ ئي پاڻي جي ڪوٽ آهي، سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ وارو عمل غير آئيني ۽ غير قانوني آهي: نياز

ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس وٺي ڪارپوريٽ فارمنگ نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ بند ڪيون وڃن: منور جتوئي

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ : سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ خلاف مختلف تنظيمن پاران جي ڊي اي. قومي عوامي تحريڪ - ايس يو پي ۽ سول سوسائٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

نصيرآباد: مڪ آءِ اسپتال جي افتتاحي تقريب جو ڏيک، مهمان خاص خطاب ڪندي، ٻي پاسي شيلڊ پيش ڪئي پئي وڃي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي